# ويتنامي

# انقلاب

سنڌي عوامي ڪتاب گهر حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ويٽنامي انقلاب

مشتاق احمد سومرو
ملٽري ڪوارٽر معصوم شاهه منارو روڊ سکر

ليکڪ: لي دوئان

سنڌيڪار: رابيل

مشتاق احمد سومرو
ملٽري ڪوارٽر معصوم شاهه منارو روڊ سکر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ويٽنامي انقلاب

مشتاق احمد سومرو
ملٽري [illegible] سکر

ليکڪ: لي دوئان

سنڌيڪار: رابيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپو : پھريون
تعداد : ٻه هزار
ڇپائيندڙ: عالم شاهه
ڇپيندڙ : سردار پرنٽنگ پريس،
گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

قيمت ٽي رپيا
**Rs. 3-00**

سنڌي عوامي ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

هڪڙي مشهور ويٽنامي ڪهاڻي "موتين جهڙين سيهڙو" جي سنڌي ترجمي ڪرڻ پيري مون مهاڳ ۾ لکيو هو ته:

".......جيئن انساني بدن جو مرڪز دل ۽ دماغ آهي، تيئن سموري ڌرتيءَ تي سموري انسان ذات جا به ڪي مرڪز هوندا آهن. اهي وقت بوقت بدلبا رهندا آهن. سڄي دنيا مٿي ته اڄ سموري ڌرتيءَ ۽ سموري انسانيت جي دل ويٽنام آهي. ويٽنام اڄ روءِ زمين جي انساني نيڪيءَ، ڏاهپ، مڙسيءَ، قربانيءَ، سورهيائيءَ، سچائيءَ، سونهن ۽ پيار جو مرڪز آهي. ويٽنام انسانيت جي هزارن لکن سالن جي واڌاري جي اوچي ۾ اوچي منزل آهي. ويٽنام انسان ذات جي سڀني اڳين، پوين ۽ هاڻوڪن اعليٰ گڻن جو نچوڙ آهي.

جيڪڏهن اڄ سمورن اڳين، پوين ۽ هاڻوڪن نيڪن، ڏاهن، شاعرن، فيلسوفن، سهڻن، عاشقن ۽ سورمن کان پڇي سگهجي ته 'توهان جنهن نيڪيءَ، ڏاهپ، شاعريءَ، فلسفي، سونهن، عشق يا سورهيائيءَ جا گهورا آهيو، تنهن جو ملڪ ڪهڙو؟' ته گهڻا يقيناً ويٽنام ڏانهن اشارو ڪري چوندا 'اهو!'".........

ويٽنامي ماڻهن جي انهيءَ عظمت جو راز ڪهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهڻ ويڄن وٽ، جي سگهين ته سگهو ٿئين،
اڳين عادت مٽ، ته اڳها عاجز نه ٿئين.

اڄ آڳڙيا آئيا، ماڻهو ڪي سڄاڻ،
لاهيندا موريا ڻ، رڪ ڪريندا پڌرو!

مرشد سائين چاڻن ڪان نه سگهه وارن کي سخت
نِنديو آهي.

پاڙي ويڄ ه[illegible]، تان مون مور نه پڇئا،
تـي لاهيـن پـيـام، موريـسر اکـيـن م.

هڻين ته ويڄن وٽ، تون ڪيئن جيءُ جڏو ٿئين،
سر ڏيئي م ستُ، ڪوهه نه ڪيئه ڏيڙا؟

لي دوئان اچوڪي دنيا جي چوٽيءَ جي انقلابي
ويڄن ۽ جراحن منجهان هڪ آهي. هن جي ڳالهه
سڄيءَ دنيا جي عوام کي دل سان هنداڻڻ گهرجي،
اميد ته سنڌي عوام به پوئتي ڪونه پوندا.

رسول بخش پليجو
جنرل ايڊيٽر
سنڌي عوامي ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهه، جنرل وو ، نگوين جياپ ۽ لي دُئان جي لکڻين ۽ انقلاب جي سچن پچن واقعن جي ڪهاڻين جي شڪل ۾ دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿي عوام آڏو اچي رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن کان اڳ ويٽنام جي سپ کان وڏي اڳواڻ هوچي منهه جي آتم ڪهاڻي ۽ ويٽنام جي ڪن انقلابي ڪهاڻين کي سنڌي عوامي ڪتاب گهر ۽ تحريڪ رسالو ترجمو ڪرائي پڌرو ڪري چڪا آهن. هن دفعي ويٽنام جي مزور پارٽيءَ جي موجوده سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ لي دُئان جي ٽن مضمونن جو ترجمو ڪري هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

لي دُئان جي لکڻين جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته اسين دنيا جي انقلابي سائنسي نظريي جي اُوسر ۽ واڌارن تي هڪ سرسري نظر وجهون.

انساني تاريخ جي اڳاٽي نوي سيڪڙي عرصي ۾ انساني سماج ۾ طبقن جو وجود هوئي ڪونه. سپ انسان هڪ سادي زندگي گذاريندا هئا. ۽ وڻن ٽڻن جا ميوا ۽ پاڙون وغيره پٽي کائي، مڇي ماري يا شڪار ڪري پنهنجو پيٽ پاليندا هئا. سماج ۾ هر ڪنهن جو رتبو هڪ جهڙو هو، جڏهن کان ماڻهن هڪ ٻئي تي ويهي ٻني ٻارو ڪرڻ جو سرشتو شروع ڪيو تڏهن کان هڪڙن زوراور ماڻهن جي ٽولن پيداوار جي وسيلن تي قبضو ڪري پين پاڻ کان ڪمزور ۽ هيٺن ماڻهن

هيٺ هاري - مزور پڙهيءَ وسيلي جدوجهد جي خيال جنم ورتو ۽ حقيقت جو روپ اختيار ڪيو. روسي انقلاب جي عظيم اڳواڻ لينن پنهنجي زماني جي مکيه لاڙن کي نظر ۾ رکي ۽ هارين جي انقلابي صلاحيت کي سڃاڻي ان جي اهميت تي پورو پورو زور ڏنو. نه رڳو ايترو پر هن محسوس ڪيو ته دنيا جي انقلاب جو مرڪز يورپ جي مزور تحريڪ مان ڦري ايشيا ، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن ڏانهن اچي رهيو هو تنهن ڪري هن انقلابين جي جڳ مشهور نعري ” دنيا جا مزور هڪ ٿي وڃو!“ ۾ واڌارو آڻي نئون نعرو ڏنو ته ”دنيا جا مزور ۽ مظلوم قومو! هڪ ٿي وڃو!“

روسي انقلاب کان پوءِ جيترا به سماجي انقلاب آيا اهي سڀئي طبقاتي جدوجهد مان، گڏ قومي جدوجهد ذريعي ئي آيا. چين، ويٽنام، ڪيوبا، اترڪوريا ۽ ڏکڻ يمن جا انقلاب هڪ ئي وقت قومي آزادي ، جمهوريت ۽ سوشلزم جا انقلاب هئا ۽ ڪمبوڊيا ۽ لائوس جي انقلابن جي وات به قومي انقلابي وات آهي. هن وقت به دنيا ۾ اهي انقلابي تحريڪون اڳتي وڌيل آهن ۽ وڏيون سوڀيون حاصل ڪري رهيون آهن جيڪي نه رڳو طبقاتي تحريڪون آهن پر قومي تحريڪون به آهن. اهڙين انقلابي تحريڪن جي مکيه قوت هاري آهن ڇو ته قومي مسئلو اتي جي گهڻائيءَ واري طبقي يعني هاري عوام جو مسئلو آهي. هن وقت ضرورت انهي ڳالهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آهي ته قومي ۽ طبقاتي انقلابن جي ميلاپ بابت اهڙيون چنبيون، واضع ۽ جامع لکڻيون عام ماڻهو کي موجود ڪري ڏجن.

لي‌دوئان انهن انقلابي اڳواڻن منجهان هڪ آهي جن هن دور جي انقلابي حقيقتن ۽ خاصيتن جي چڱي طرح ڇنڊ ڇاڻ ڪري، قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جي اصولن ۽ حڪمت عمليءَ کي هڪ سهڻي ۽ سائنسي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. لي‌دوئان جي مضمونن کي پڙهڻ کان پوءِ هن وقت جي پڻ مکيه قوم دشمن ۽ انقلاب دشمن لاڙن جو چڱي طرح پتو پئجي تو وڃي. هنن مان پهريون لاڙو آهي نجي طبقاتي جنگ وڙهڻ وارو نقلي ترقي پسند فريبي لاڙو، جنهن جا پوئلڳ چون ٿا ”ته قومي سوال ته وچولي طبقي جو جذباتي مسئلو آهي. اسان کي فقط خالص طبقاتي جدوجهد هلائڻ گهرجي.“ ويٽنام جي انقلابي تجربي ۽ ي‌دوئان جي لکڻين مان اسان کي خبر پوي ٿي ته جيڪڏهن ڪنهن مظلوم قوم جو پيڙيل طبقو پنهنجي ومي دشمن خلاف نٿو وڙهي ته اهو پنهنجي طبقاتي شمن سان به وڙهي نٿو سگهي. جڏهن پنهنجي قوم سامراجين ۽ پرمارن جي چنبي ۾ ڦاٿل هجي تڏهن 'نج طبقاتي جدوجهد“ جو نعرو فقط قوم کي سچي اٿ تان هٽائڻ ۽ دشمن جا هٿ مضبوط ڪرڻ جو ڪم ڏي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن منجهه جيڪڏهن پيون سموريون صفتون موجود هجن پر هو ساڳي ٻولي نه ڳالهائيندا هجن ته به هو ساڳي قوم جا ماڻهو نه ٿا ٿي سگهن. دنيا جا گهڻيئي ملڪ قوميت جي بنياد تي وجود ۾ آيا، جيئن فرانس، اسپين، جاپان، اٽلي، جرمني وغيره. اهڙن ملڪن کي ”هڪ قومي سرڪار“ (National State) چئبو آهي. پر گهڻن هنڌن تي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ قومن کي ملائي هڪ ملڪ ناهيو ويو، جهڙوڪ: سئٽزرلينڊ جتي جرمن، فرانسيسي ۽ اطالوي قومن جي گڏيل سرڪار وجود ۾ آئي يا برطانيه، جتي انگريز، اسڪاٽ، آئرش ۽ ويلش قومن کي ملائي هڪ ملڪ ناهيو ويو آهي. اهڙي ريت دنيا جا ٻيا به گهڻيئي ملڪ جهڙوڪ: سويت يونين، هندوستان، پاڪستان، چين وغيره آهن جي مختلف قومن يا قومن جي حدن کي پاڻ ۾ ملائي وجود ۾ آيا آهن. اهڙن ملڪن کي گهڻ قومي سرڪار (Multi-national State) سڏيو وڃي ٿو.

هاڻي جيڪڏهن اسين قوم ۽ ملڪ ۾ تفاوت نه ڪريون ۽ قومي جدوجهد بابت لي دوڻان جي پيش ڪيل سامراج دشمن اصولن کي ڪنهن گهڻ قومي ملڪ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ته ان جي معني اها ٿي ته ان گهڻ قومي ملڪ منجهه ظالم قوم ۽ مظلوم قومن جي وچ ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھلايا ويا ھئا. دنيا ۾ اسان کي مزور تنظيمن جا اھڙا گھٽا ئي مثال ملندا جتي مزورن جي جسماني اڪثريت ۽ جسماني اڳواڻي جي باوجود به مزور تنظيمون عملي طور تي مزور طبقي، ٻين پورھيتن، ھارين ۽ دنيا جي پيڙيل قومن خلاف دشمني جي واٽ تي ھلي رھيون آھن. طبقاتي حيثيت کان مزور جي اڳواڻي ڪرڻ جي صلاحيت کان ڪو به ايماندار ماڻھو انڪار نه تو ڪري سگھي. پر ان جو مطلب اھو نه آھي ته جيڪو به مزور ھجي تنھن کي ھرو ڀرو پير ۽ اولياء ڪري گادي تي ويھاري ڇڏجي. مزور طبقي جي رھنمائي عملي طرح انقلابي پارٽي جي اڳواڻي جو روپ وٺي ٿي. ان پارٽيءَ کي مزور طبقي جي پارٽي انھي لاءِ چئبو آھي ته اھا طبقاتي جدوجھد ۾ ايمان رکي ٿي ۽ سندس مقصد اھو آھي ته طبقاتي جدوجھد ھلائي طبقن کان آجو برابري وارو سوشلسٽ سماج اڏجي، جيڪو ئي مزور طبقي جو تاريخي انقلابي نظريو آھي. انھن اصولن ۽ جديد سائنسي انقلابي علم رکندڙ پارٽيءَ جي اڳواڻي ھيٺ جڏھن ڪا جدوجھد ھلي ٿي ته ان کي مزور اڳواڻيءَ ھيٺ ھلندڙ انقلابي جدوجھد چئبو آھي. جيڪڏھن اھڙي پارٽيءَ جا اڳواڻ خود مزور طبقي مان ھجن ته مزور اڳواڻي جو تصور بھتر طريقي سان عمل ۾ اچي سگھي ٿو. پر سرمائيداري زميداري نظام جي ورن وڪڙن ۽ تضادن سان ڀريل ارتقا جي ڪري تاريخ ۾ اھو ٿيندو رھيو آھي ته ٻين طبقن سان تعلق رکندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهن يا ته مزور طبقو ٿالي ماٿر آهي، جهڙوڪ: ڏکڻ يمن ۾، يا جتي جديد مزور طبقي جو وجود ئي ڪونهي، جهڙوڪ ذعفار (Dhoffar). انهن ملڪن ۾ انقلاب جو مکيه دارومدار هارين تي آهي جن پنهنجي پورهيتن ۽ عوام دوست قوتن سان گڏجي انقلاب جو جهنڊو کڙو ڪيو ۽ ڏاڍن پرمارن توڙي اندروني عوام دشمن ڌرين کي شڪست ڏئي پنهنجي قوم لاءِ آزادي حاصل ڪئي ۽ پنهنجي سماج کي برابريءَ، ياڻپيءَ سک ۽ آسودگيءَ جي بنياد تي نئين سر اڏڻ شروع ڪيو.

سيد وريل شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ويٽنامي انقلاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

اسان جي ملڪ جو سورمو عوام پنهنجي ملڪ جي بچاءَ ۽ آزاديءَ لاءِ ڊگهي عرصي کان جدوجهد ڪندو رهيو آهي. ان جدوجهد هلندي اسان جي مجاهد عوام ۾ تمام سويل قومي احساس، سمجهه، سوچ ۽ پروڙ پيدا ٿي ويا ۽ هنن پنهن جي وطن سان شاندار نموني حب ڏيکاري آهي.

فرانس جي غلام بنائيندڙ راڄ جو گهٽ سڄي ساري هڪ صديءَ تائين اسان جي ساٿين جي ڳچيءَ ۾ پيو هو. پر هنن انهيءَ دهشت ۽ دٻاءَ اڳيان گوڏا نه کوڙيا. اسان جا بهادر ساٿيو هميشه ۽ بار بار هٿيار کڻي اڳرائي ڪندڙ ڌارين دشمنن ۽ ڏيهي غدارن سان جنگ ڪندا رهيا آهن. پر غلام بنائيندڙن کي لوڏي ڪڍڻ ۽ پنهن جي قوم کي بچائڻ لاءِ جيڪي شروعاتي قومي تحريڪون هليون سي ڪامياب ٿي نه سگهيون.

١٩٢٠ع کان پوءِ واري زماني ڌاري، جڏهن ﺣﺎن وٽانگ بغاوت* چيپاتجي ويئي، تنهن کان پوءِ قومي آزاديءَ جي تحريڪ تمام سخت گهوٽالي ۾ پئجي ويئي.

---

*بادشاهه پرستن جي هلايل قومي تحريڪ جنهن کي "عالمن جي تحريڪ" سڏيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرينچ حاڪم ٽولي هڪڙي پاسي وطن دوستن کي دٻايو ۽ هيسايو ته ٻئي طرف ماڻهن ۾ دلشڪستو ٿيڻ ۽ هنيار ڦٽا ڪري پيش پون جا خيال پيدا ڪيائين.
هن ڏٺو ته نسن جو زور اڳڪائي ماڻهن ۾ معمولي سڌارن تي راضي ٿيڻ ۽ غلام بنائيندڙن جو پاسو وٺڻ جا لاڙا پيدا ڪيا. ان وقت جيڪي ماڻهو قوم کي انقلابي جدوجهد وسيلي آزاد ڪرائڻ جون امنگون رکندا هئا سي مونجهاري ۾ پئجي ويا هئا ته قومي آزاديءَ لاءِ ڪهڙي انقلابي واٽ وٺجي. جلد ئي وطن دوست صفن ۾ ٻن ابتڙ لاڙن جو ٽڪر ۽ مقابلو شروع ٿي ويو. هڪڙو اسرندڙ مزور طبقي (پرولتاري) جو لاڙو هو ته ٻيو قومي شاهوڪار* طبقي جو لاڙو هو. ٻنهي ڌرين عوام جي پٺڀرائي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو پنهنجو سياسي پروگرام پيش ڪيو.

اهوئي وقت هو جڏهن صدر هوچي منهه پنهنجي ڪمال واري ذات ۽ عظيم انقلابي سرگرميءَ وسيلي تاريخ جي اٿاريل انهن اهم سوالن جو وقتائتو ۽ ٺهڪندڙ جواب ڏنو. ان وقت جي پڙهيلن ڳڙهيلن ۽ وچين ۽

* قومي بورزوا يا قومي شاهوڪار طبقي مان مراد آهي قوم جو اهو وچيون، شاهوڪار يا سرمائيدار طبقو جو ڌارين غلام بنائيندڙ سرمائيدارن جو گماشتو، دلال يا ڪمدار نه هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جمهوري لهر پيدا ڪيائين. مزور طبقو پنهنجي ليکي ملڪ جي هڪڙي خود مختيار سياسي قوت بڻجي ويو.

اسان جي دور جو سڀ کان وڏو انقلابي نظريو يعني مارڪسزم ليننزم، مزور طبقي سان ڳنڍجي ويو، جيڪو طبقو هارين جو ويجهي ۾ ويجهو ساٿي آهي ۽ جيڪو سڀني طبقن کان وڌيڪ انقلابي طبقو آهي. ان سان گڏو گڏ اهو انقلابي نظريو سموري قوم جي جوشيلي وطن دوست جدوجهد سان پڻ ڳنڍجي ويو. ان جو نتيجو نڪتو جو ٣ فيبروري ١٩٣٠ع تي اسان جي پارٽي جي پيڙهه جو پٿر رکجي ويو.

انهي ۽ نهايت اهم واقعي سبب، ويٽنامي انقلاب جي تاريخ ۾ هڪ نئون ۽ بنيادي موڙ اچي ويو. اسان جي غلام بنايل ۽ وڏيرا شاهي جي گٿ ۾ ڦاٿل ملڪ اندر مارڪس ۽ لينن جي نظرين جو پرچار شروع ٿي ويو. اهو هڪڙو لازمي شروعاتي قدم هو. جنهن مان وڏا نتيجا نڪتا. ان جي ذريعي اسين شاندار بغاوت واري منزل کي وڃي رسياسين. ان نظرئي ويٽنامي قوم کي سندس ڏاڪي به ڏاڪي واڌاري ۾ زبردست چال ڏياريا. جهڙوڪ آگسٽ ١٩٤٥ واري انقلاب جو اچڻ ۽ ويٽنام جي جمهوري رعيتي راڄ جو قائم ٿيڻ، ان کان پوءِ اهڙا چالا ايندا رهيا.

اسان جي پارٽي ۽ اسان جن ساٿين جي گڏيل

ڪڏهن به مات نه ڪائيندڙ پڌيءَ جو. اها پڌي آزادي، خود مختياري ۽ سوشلزم واري جدوجهد ۾ قائم ڪئي ويئي آهي. ويٽنامي انقلاب جون گذريل چاليهه سالن واريون سوڀيون ۽ ڪاميابيون سڄي دنيا جي انقلاب جي هاٺوڪي واڌاري جو حصو آهن. دنيا جي انقلاب ۾ اڄ ڪلهه جيڪو واڌارو ٿي رهيو آهي سو هڪ نئين دور جو واڌارو آهي. اهو نئون دور آهي سڄي دنيا جي سرمائيداري ڏاڪي تپڻ ۽ سوشلزم ڏانهن وڌڻ جو دور. ان دور جي شروعات روس ۾ آيل آڪٽوبر واري انقلاب کان ٿي. هي ڪاميابيون انهن سڀني شاندار سوڀن سان ڳنڍيل آهن، جيڪي روسي عوام جرمني، اٽلي ۽ جپان جي گڏيل فاشي ۽ عوام دشمن سازش مٿان حاصل ڪيون. هي ڪاميابيون عظيم چيني انقلاب جي شاندار سوڀ سان ڳنڍيل آهن. اهي ڪاميابيون سوشلسٽ ملڪن جي برادريءَ (ڪئمپ) سان ڳنڍيل آهن. اڄ دنيا ۾ انساني سماج کي بدلائڻ ۾ فيصلو ڪندڙ قوت اها سوشلسٽ برادري ئي آهي، جيڪا پڻ سڄي دنيا تي غالب آهي. تنهن کان سواءِ اهي ڪاميابيون سڄي دنيا ۾ قومي آزادي لاءِ جيڪي طاقتور تحريڪون هلن ٿيون، تن سان ڳنڍيل آهن. سرمائيدار ملڪن جي پورهيت عوام جي جدوجهد سان ڳنڍيل آهن ۽ پڻ دنيا ۾ جمهوريت ۽ امن لاءِ هلندڙ تحريڪن سان ڳنڍيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي شاندار سوپون ساڻ لاءِ اسان جي پارٽي ۽ عوام کي بيشمار مصيبتن ۽ تڪليفن سان منهن ڏيڻو پيو آهي ۽ ڪيترن ئي ڏکين امتحانن مان لنگهڻو پيو آهي. پارٽيءَ جي جهنڊي هيٺان گڏ ٿي، پارٽيءَ جي ڪيترن ئي مثير ميمبرن ۽ ڪارڪنن، بي شمار شهرين ۽ ويڙهاڪ مجاهدن پنهنجا سر سهسايا آهن. هنن هڪڙي اڳواڻ دستي ۽ دلير قوم جي سورهيائي ۽ دليري ڏيکاري آهي. هنن پنهنجي وطن سان، وطن جي عوام جي آزاديءَ جي اعليٰ مقصد سان ۽ مارڪسزم ـ ليننزم جي سدا سوپاري نظرئي سان، املهه سچائي ۽ وفاداريءَ جو ثبوت ڏنو آهي. قربانين جا دليري ۽ بهادريءَ وارا هي بيمثال واقعا، اسان جي قوم، اسان جي پارٽي ۽ اسان جــو موجوده نسل ته نه وساري سگهندا، پر ايندڙ سمورا نسل به انهن کي سدائين ياد رکندا.

صدر هوچي منهه جي ورسيءَ جي اچوڪي ڏينهن تي اسان جون دليون اداس آهن، اسان کي ڏک آهي ته اسان جــو پيارو صــدر اڄ اسان سان گــڏ ناهي. اسان جي پارٽيءَ ۽ اسان جي سموري قوم جون دليون پنهنجي عظيم اڳواڻ لاءِ ابدي ۽ لافاني شڪر گذاريءَ جي جذبن سان ڀمنار آهن.

صدر هوچي منهه پهريون شخص هو، جنهن ويٽنام جي سر زمين اندر مارڪسي ليننی نظرئي جا ٻج ڇٽيا، اهي ٻج ويٽنامي انقلاب جي شڪل وٺي وڏي وڃي وڻ ٿيا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ اسان جا ماڻهو ان جو ميوو کائي رهيا آهن. صدر هوچي منه وڏو پورهيو ۽ جاکوڙ ڪري پارٽيءَ لاءِ گهڻا بهترين ڪارڪن سيکاري تيار ڪياهه هن پنهنجيون سموريون صلاحيتون ۽ قوتون ڪم آڻي، اسان جي پارٽيءَ کي هڪڙي يڪي، گڏيل، مضبوط ۽ طاقتور پارٽي بنايو، ويٽنامي انقلاب جي استاد صدر هوچي منه، اسان جي عظيم قومي سورمي ۽ سڄي دنيا جي نامور جوڌي صدر هوچي منه، اسان جي پارٽيءَ جو بنياد رکي، ان کي باهم مان ڪڍي سون بنايو. تان جو اسان جي پارٽي ٿوري وقت اندر مزور طبقي جي هڪ نئين قسم جي پارٽي بڻجي ويئي، جنهن وٽ تجربي جي املهه دولت آهي ۽ جنهن جي جدوجهد جو رڪارڊ بي مثال آهي.

اسان جي ماڻهن گذريل چاليهن سالن اندر جيڪا به وک اڳتي وڌائي آهي، اها صدر هوچي منه جي بيحد محنتي ۽ اعليٰ انقلابي حياتيءَ سان ڳنڍيل آهي. ويٽنامي انقلاب جو سويارو، سورهيه ۽ لافاني داستان صدر هوچي منه جي اورچ پورهئي ۽ اسان جي عوام ۽ پارٽيءَ جي ڪاميابين مان نهي جڙي راس ٿيو آهي. صدر هوچي منه اسان جي پارٽيءَ جو عظيم اڳواڻ هو، هو اسان جي قوم جو عظيم اڳواڻ هو. هو بڻ عظيم مقصدن ۽ اعليٰ آدرشن جي ميلاپ جو مجسمو هو. يعني قومي خود مختياريءَ ۽ آزاديءَ جي اعليٰ آدرش ۽ عظيم مقصد ۽ سوشلزم ۽ ڪميونزم جي

عظيم خوبيون سندس شخصيت ۾ سلي، هڪ ٽي پاڻ ۾ سمائجي ويون هيون.

صدر هوچي منهه جي حياتي سج جي روشنيءَ جيان پاڪ ۽ صاف هئي، هن ۾ هڪ سچي انقلابي، آزاديءَ جي محافظ ۽ ماڻهن سان اونهو پيار ڪندڙ انسان واريون هڙيئي خوبيون هيون. هن پنهنجي حياتي ڪي ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ وقف ڪري، ساد گيءَ، اورچائي، نهٺائي ۽ بي غرضيءَ جا اڻ لڀ مثال قائم ڪيا. صدر هوچي منهه جي اعليٰ سوچ ۽ سندس شاندار نيڪيون اسان کي هميشه روحاني سوجهرو ۽ اخلاقي طاقت ڏينديون رهنديون. هن جو تجليدار جهنڊو اسان کي سدائين اڳتي وڌڻ جي واٽ ڏسيندو رهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عوامي قومي جمهوري انقلاب

## (باب ٻهريون)

## انقلابي حڪمت عملي جا مسئلا

اسان جي پارٽي کي قائم ٿيڻ وقت ئي، مارڪسي ليننيي نظريي جي روشنيءَ ۾، اها سڌ پئجي ويئي هئي ته ويٽنامي انقلاب کي ڏاڪي به ڏاڪي اڳتي وڌڻ لاءِ ڪهڙي وات وٺڻي پوندي. ۱۹۳۰ ۾ لکيل سياسي مقالي ۾ پارٽيءَ اها ڳالهه پڌائي چڏي هئي ته اسان جو انقلاب لازمي طرح ٻن ڏاڪن مان لنگهندو. انهن مان پهريون ڏاڪو قومي جمهوري انقلاب جو ۽ ٻيو سنئون سڌو سوشلسٽ انقلاب جو ڏاڪو هوندو. ان ٻئي ڏاڪي تان لنگهندي اسان کي سرمائيداري نظام جي منزل ڏانهن ويندڙ وات کي وچان ڪاٽي سڌو سوشلزم ڏانهن وڌڻو آهي. پارٽي جو آخري مقصد اهوئي آهي ته آخرڪار ڪميونزم واري سرشتي جي منزل ماڻجي. هن مقالي جي رهنمائيءَ ۾ اسان جي پارٽي، انهن مان هرهڪ ڏاڪي لاءِ هڪ نوس وات کولي لڌي ۽ مقرر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهوئي ڪارڻ آهي جو اسان جي عوام جي پرمارن خلاف ٺڪر ۾ وڏيرا شاهيءَ سان ٽڪر نه شامل آهي. ڇاڪاڻ ته وڏيرا شاهيءَ جي ساٿ سان ئي ڌاريان پرمار اسان کان ڦرلٽ ڪندا رهيا آهن، تنهن ڪري ڏيهي وڏيرا شاهي سان ٽڪر کائڻ کان سواءِ پرڏيهي پرمارن خلاف جدوجهد هلائي نٿي سگهجي ۽ ٻنهي جدوجهدن کي هڪ ٻئي کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. قومي آزادي واري انقلاب ۾ جمهوري مواد *١ اشد ضروري آهي.

هڪڙي ٻچي پچي قومي تحريڪ ۾ مدائين ۽ هر وقت ڪونه ڪو خاص ۽ ٺوس جمهوري مواد *٢ هجڻ لازمي آهي. ڇو ته جيڪو به ڌڪڻو پاڻ ئي ته قومي خود مختياري وري حاصل ڪريان يا جيڪو چاهي ٿو ته ”آءٌ خود قوم ٿيان“ تنهن کي لازمي طرح عوام جي گهڻائيءَ جون ڪجهه نه ڪجهه جمهوري گهرون ۽ مطالبا ضرور پورا ڪرڻا پوندا. ڇو ته قومي تحريڪ کي سوڀ، ڏيارڻ واريون قوتون اهي گهڻائي وارا عوام ئي آهن.

---

*١- يعني قوم جي هاري گهڻائي طرفان وڏيرڪي تورائي خلاف جمهوري جدوجهد جو مواد. (سنڌيڪار)

*٢- وڏيرڪي ڊڪٽيٽرشپ خلاف هاري عوام جي جمهوري جدوجهد جو مواد. (سنڌيڪار)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪست ڏيڻ واري وقت کان وٺي سوشلزم جي اڏاوت ۾ رڌل آهي • اهو ڪم پارٽيءَ جي پهرئين پروگرام جي عين مطابق ڪيو پيو وڃي• دنيا جي اڄوڪي دور ۾ قومي آزاديءَ وارين تحريڪن ۾ هڪڙو لاڙو عام ۽ اڻ ٽر آهي• اڄڪلهه قومي جمهوري انقلاب، سرمائيداري جي منزل ڏانهن واڌاري کي اڌ ۾ بند ڪري، وچان ڦيرو ڏيئي، سڌو سنئون سوشلسٽ انقلاب ڏانهن وڌندو آهي• اها ئي هڪڙي واٽ آهي، جنهن تي هلڻ وقت پوري خاطري هوندي آهي ته قومي آزادي واري مقصد ۾ پڪ ئي پڪ ڪاميابي ٿيندي ۽ ملڪ ۽ قوم کي سچي پچي آزادي، لڳاتار ترقي ۾ سک نصيب ٿيندا•

اسان جي اتر واري حصي ۾ سوشلسٽ انقلاب گذريل ڏهن سالن کان جاري آهي • ان مان هيستائين فقط شروعاتي نتيجا حاصل ٿيا آهن• پر اهي نتيجا نهايت اهم آهن • سوشلسٽ انقلاب اتر ويٽنام جي تقدير ئي بدلائي ڇڏي آهي • ان سياسي ، اقتصادي ، سماجي ۽ ثقافتي ميدانن ۾ کيس نئون جياپو ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ اڳيان ڏيئي رهيو آهي• سوشلسٽ انقلاب جي ڪاميابين اتر ويٽنام کي هڪڙو مضبوط اڏو بنائي ڇڏيو آهي• جنهن جي مدد سان سموري ويٽنام ۾ مڪمل قومي جمهوري انقلاب آندو پيو وڃي• اهو اڏو روز وڃي وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور ٿيندو• اسان جا * بهادر ماڻهو

---

* اترين ويٽنام ۾ رهندڙ• سنڌيڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوشلزم جي اڏاوت ڪري رهيا آهن. آمريڪي پرمارڻ جي تباهيءَ واري جنگ کي ناڪام بنائي رهيا آهن. آمريڪي اڳرائي ڪندڙن سان مقابلو ڪرڻ ۽ قومي ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ جيڪا زبردست جنگ پيئي هلي، تنهن جي پڻ مضبوطيءَ سان جهليو وينا آهن. اهڙي طرح هو اسان جي زماني جي هن عظيم سچ جو چمڪندڙ مثال پيش ڪري رهيا آهن ته "اڄوڪي دور ۾ قومي آزادي، جمهوريت ۽ سوشلزم انهن ٽن مقصدن ۽ منزلن ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جي جدوجهدن کي هڪ ٻئي کان ڌار نٿو ڪري سگهجي."

اٽڪل سؤ سوا سال اڳ مارڪسي نظريو ھي آپ ڏاريندڙ جنگي نعرو هٿندو آيو ته "دنيا جا پورهيتو! هڪ ٿي وڃو!" ان کان پوءِ جڏهن سرمائيداري سرشتو نه رکيو سرمائيدار ملڪن جي پورهيتن ۽ محنتي ماڻهن جي ڳچيءَ جو ڳٽ بڻجي پيو، پر دنيا جي غلام قومن جي هٿن پيرن لاءِ به زنجيرون بڻجي پيو، تڏهن لينن واڪو ڪري چيو "دنيا جا پورهيتو ۽ مظلوم ماڻهؤ! هڪ ٿي وڃو!"

هن عظيم نعري جي اهميت حڪمت عملي واري آهي. يعني اهو سموري انقلابي جدوجهد لاءِ مجموعي طرح ۽ بنيادي اهميت رکي ٿو. هن عظيم نعري ۾ جيڪا بي پناهه طاقت آهي، تنهن جو راز هي آهي: اهو نعرو پڌائي ٿو ته هن دور ۾ سرمائيداري سرشتي جي

پاڙ پٽڻ ۽ انسان ذات کي سوشلزم جي منزل تي رسائڻ لاءِ جيڪو انقلاب آڻبو سو فقط تڏهن سوپارو ٿيندو، جڏهن سڄي دنيا جي سيني ملڪن جا مزور ۽ پورهيت ۽ غلام ملڪن جا مظلوم عوام سڀ گڏجي مڙئي مٺ ٿي، هڪو زور لڳائي جدوجهد ڪندا. يعني جڏهن هڪڙي پاسي سرمائيداري نظام خلاف مزورن جي جدوجهد ۽ ٻئي پاسي دنيا جي غلام بنائيندڙ سامراجي ملڪن خلاف، غلام بنايل ملڪن جي مظلوم عوام جي جدوجهد: اهي ٻئي جدوجهدون پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وينديون. ساڳيءَ طرح دنيا جي غلام ملڪن جي ماڻهن کي قومي آزادي، خودمختياري ۽ جمهوريت جي جدوجهد ۾ فقط تڏهن ئي پوري طرح سوڀ حاصل ٿيندي، جڏهن هو پنهنجي جدوجهد کي سڄي دنيا ۾ مزور انقلاب واسطي جيڪا گڏيل دنيا ئي جنگ پيئي هلي، تنهن جو حصو سمجهي هلائيندا.

صدر هوچي منهه سچ چيو آهي ته ”دنيا جي مظلوم قومن ۽ پورهيت ماڻهن کي غلاميءَ جي پنجوڙن مان فقط سوشلزم ڇڏائي سگهي ٿي، فقط ڪميونزم کين آجو ڪري سگهي ٿي.“

جيئن جيئن سرمائيداري سرشتي جو ٻيڙو پنهنجي مڪمل تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي رهيو آهي، تيئن تيئن قومي

خودمختياري ۽ جمهوريت * جو سوال فقط غلام ملڪن ۽ مظلوم قومن جي جدوجهد تي دارومدار نٿو رکي. ترقي ڪيل سرمائيدار ملڪن جا پورهيت ۽ ڪميونسٽ جيڪي سوشلزم ۽ ڪميونزم حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن، تن تي به اها ذميواري پوي ٿي ته هو غلام ملڪن جي آزادي ۽ خود مختياري واري جدوجهد ۾ اتان جي عوام سان وڏيڪ سات ڏين ۽ انهن کي اڪيلو نه ڇڏين. حقيقت ۾ هن وقت انهن ترقي ڪيل ملڪن جا حاڪم سرمائيدار جيڪي دنيا تي هڪ هٽي ڄمايو ويٺا آهن، سي خود وڪجي ويا آهن ۽ پنهنجي قومي خود مختياريءَ کي ٽورو ٽورو ڪري قسطن ۾ آمريڪي سامراجين، دنيا جي سرمائيدارن جي گڏيل تنظيمن ۽ اڳرائي ڪندڙ عالمي فوجي ٽولن وٽ تين وال ڪري رهيا آهن. ساڳئي وقت هو پنهنجن ملڪن جي پورهيت عوام کان ڦرلٽ ۽ مٿن ڏاڍايون ۽ ظلم اڃا به تيز ڪري رهيا آهن. ڪيترين حالتن ۾

---

* هيستائين هن ڪتاب ۾ جمهوريت جو ذڪر جهڙي طرح ۽ جنهن معنيٰ ۾ ڪيل آهي، تنهن مان صاف ظاهر آهي ته هتي جمهوريت جو مطلب آهي قوم جي هاري ۽ ٻين گهٽائي واري عوام جو وڏيرڪي ڦورو ۽ ظالم ٽورائي جي راڄ ۽ وڏيرڪي ڊڪٽيٽري نظام کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ جمهوري حق ۽ آزاديون هٿ ڪرڻ. -سنڌيڪار

هنن منچورين ۽ نالي ماتر سرمائيدار جمهوري آزاديون به ختم ڪري ڇڏيون آهن." تنهنڪري جيئن اسٽالن چيو آهي تيئن "هاڻي ڪميونسٽن کي گهرجي ته اهو قومي آزادي ۽ جمهوريت جو جهنڊو سرمائيدارن کان کسي اهي پاڻ کڻي، اڳتي وک وڌائين."

اسان جي پارٽي پنهنجي وطن ۾ سرمائيداري نظام کي ترقي ڏيارڻ بدران قومي آزادي ۽ جمهوريت جو جهنڊو هٿ ۾ کڻي، سڌو سنئون سوشلزم ڏانهن وڃڻ جو چوڻو گس ڪيدي، شاندار سوڀ حاصل ڪئي آهي. اسان جي هن حڪمت عمليءَ جي ڪاميابي چاليهن سالن تائين هلندڙ ويٽنامي انقلاب مان پڌري آهي ۽ ساڳئي وقت سڄي جهان ۾ مزور انقلاب آڻڻ لاءِ جيڪي جدوجهدون پيون ٿين، تن جي گڏيل تجربي به ثابت ڪيو آهي ته اها صحيح حڪمت عملي آهي. ويٽنام جي انقلاب جي فتح مارڪسي ليننی نظرئي جي فتح آهي. ان نظرئي کي اسان پنهنجي ملڪ جي غلاميءَ واري ۽ وڏيرڪي راڄ جي ماحول، حالتن پٽاندر عقل ۽ سمجهه سان تخليقي نموني ڪتب آندو آهي.

اسان جي پارٽيءَ انهيءَ ڏاهپ واري پاليسي وسيلي سڀ محب وطن طبقا ۽ حلقا پنهنجي چوڌاري گڏ ڪري ورتا آهن. ۽ ان مان گڏ پنهنجي عوام ۽ قوم جي آزاديءَ لاءِ هڪ وڏي انقلابي فوج پڻ تيار ڪري ورتي اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلاب جو پڇڙيون فيصلو ڪندڙ مسئلو اهو آهي ته مزور طبقي جي اڳواڻ حيثيت تي صحيح معنيٰ ۾، ۽ مڪمل نموني زور ڏنو وڃي.

مزور طبقو پنهنجي اقتصادي، سياسي ۽ تاريخي حيثيت جي ڪري اڄوڪي دور ۾ انساني سماج جي ترقيءَ جو عيوضي بڻجي چڪو آهي. هيءُ ئي اهو طبقو آهي جيڪو پورهيا ۽ ڪشالا ڪندڙ ماڻهن کي پنهنجي قسمت جو پاڻ مالڪ بڻائي سگهي ٿو. ويٽنامي مزور طبقو جيتوڻيڪ تمام ننڍي عمر جو ۽ تعداد ۾ ٿورو آهي پر ان هوندي به اهو تمام محڪم ۽ مضبوط ارادي وارو انقلابي طبقو آهي. هيءُ طبقو ويٽنام جي قومي شاهوڪار يا سرمائيدار طبقي کان اڳ ڄائو آهي. ان کي پنهنجي ٻالپڻ واري دور ۾ ئي مارڪس ۽ لينن جي انقلابي نظرين جي روشنائي ملي ويئي هئي. اهو تمام جلد هڪڙي سياسي سمجهه ۽ شعور رکندڙ قوت بڻجي ويو. ملڪ جي اتر، وچولي ۽ ڏکڻ جا مزور پاڻ ۾ مليا، مٿ تي اتي ڪڙا ٿيا. اسان جا مزور هاري عوام منجهان ئي ڦٽي نڪتل آهن، ۽ مسڪين ۽ ستايل هارين سان سندن ويجهي ۾ ويجها لاڳاپا آهن. تنهنڪري ويٽنام ۾ مضبوط مزور هاري اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ حالتون قدرتي طرح فائديمند هيون. وڏي ڳالهه ته ويٽنام جو مزور طبقو، ان وقت سياسي ميدان ۾ داخل ٿيو، جڏهن روس ۾ عظيم آڪٽوبر انقلاب سوپ حاصل ڪري چڪو هو ۽ پنجن ئي کنڊن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ان جي پڙاڏي جي گونج هئي. ٻئي پاسي پاڙيسري چين ۾ شاهوڪار طبقي قومي انقلاب سان غداري ڪئي. جنهن ڪان پوءِ چيني مزور طبقي اڳتي وڪ وڌائي قومي آزادي ۽ جمهوريت *١ جو جهنڊو پنهنجي هٿ ۾ کنيو هو ۽ اڳتي وڌڻ شروع ڪيو هئائين. انهيءَ تاريخي پس منظر ويٽنامي مزور طبقي جي سياسي وقار کي اڃان به وڌائي ڇڏيو. انهن سڀني ڳالهين ويٽنامي مزور طبقي کي بيحد گهڻي قوت ۽ برسري عطا ڪئي. ان جي ڪري هن کي ملڪ ۾ مٿاهون مرتبو حاصل ٿي ويو، ۽ "ين بائي بغاوت" *٢جي ناڪاميءَ کان پوءِ هو ويٽنامي انقلاب جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ ڪري ان جو اڳواڻ بنجي ويو.

صدر هوچي منهه چيو "مزور طبقو سڀني کان بهادر ۽ انقلابي طبقو آهي، جيڪو بنا ڪنهن هٻڪ ۽ بنا ڊپ ڊاءُ جي غلام بنائيندڙ ساسراجين خلاف اٿي کڙو ٿئي ٿو. اسان جو مزور طبقو عظيم انقلابي نظرئي ۽ دنيا جي مزور تحريڪن جي تجربي جي ڄاڻ سان ذهني طرح هشيار بند آهي. هن پاڻ کي ويٽنامي عوام جو وڏو

*١ جمهوريت جي معنيٰ اڳ ڏنل آهي. (سنڌيڪار)

*٢ فيبروري ١٩٣٠ع ۾ ڪٿاڪ ڊان ڊانگ قوم پرست طرفان اٿاريل بغاوت. ويٽنام جي محب وطن وڏيرن طرفان آزاديءَ جي جدوجهد جي اڳواڻي ڪرڻ جي اها آخري ڪوشش هئي.

لائق، اعتبار جوڳو ۽ وڏي ساک وارو اڳواڻ ثابت ڪيو آهي.“ اسان جي پارٽي، انقلاب جي هر ڏاکي تي ۽ هر دور ۾ صحيح سياسي وات ونندي رهي آهي. ۽ انقلاب کي سوين پڇيان سوڀون ڪٽي ڏيندي رهي آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته اسان جي پارٽي مزور طبقي جي انقلابي بيهڪ واري جڳهه تي مضبوطيءَ سان بيٺل آهي ۽ ڪيس مزور طبقي جي انقلابي نظرئي يعني ”مارڪسزم- ليننزم“ جي مڪمل، گهري ۽ اونهي ڄاڻ آهي.

اڳواڻ طبقي يعني مزور طبقي کان سواءِ هاري طبقو به پرڏيهي غلام بنائيندڙن ۽ ڏيهي وڏيرا شاهيءَ جو سڀ کان سرگرم مخالف آهي. هاري اسان جي ماڻهن جي گهڻائي آهن. هو قومي جمهوري انقلاب جي سڀ کان وڏي قوت آهن. اهوئي سبب آهي جو انقلاب جي فتح لاءِ هي شرط لازمي آهن ته هارين کي مزور طبقي جي اڳواڻيءَ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ تيار ڪيو وڃي، سندن انقلابي صلاحيتن کي مڪمل نموني اپاريو وڃي ۽ مزور هاري اتحاد قائم ڪيو، اڏيو ۽ مضبوط ڪيو وڃي.

مزور هاري اتحاد مارڪسي- ليننني نظرئي جو حڪمت عمليءَ وارو اصول آهي. يعني اهو انقلاب جي ڪنهن هڪڙي منزل يا هڪڙي دور يا ڪنهن هڪڙي جزي سان واسطو رکندڙ سوال ڪونهي، پر سموري انقلاب

ڳالهين کان مٿاهين اهميت ڏيڻ گهرجي.

ڪيترن پٺتي پيل ملڪن جا هاري قومي آزاديءَ لاءِ وڙهن، شاهوڪار ۽ سرمائيدار طبقي جي پٺيان لڳي وڃن. ويٽنام ۾ اهو شاهوڪار ۽ سرمائيدار طبقو اقتصادي طرح ڪمزور ۽ سياسي طرح بنهه کوکلو هو. ويٽنامي هاري ان جي پويان نه لڳا. ڇو ته سندن انقلابي جذبي ۽ امنگن کي پورو ڪرڻ وڃڻ شاهوڪار طبقي جي پهچ کان ٻاهر هو.

هاري تمام انقلابي آهن، پر هو انقلاب جي اڳواڻي نٿا ڪري سگهن. ڇاڪاڻ ته اهي پيداوار جي ڪنهن خاص ۽ نرالي طريقي جي نمائندگي نٿا ڪن، ڪين پنهنجي ڪا به جدا سياسي حيثيت ڪانهي. نڪو وري وٽن پنهنجو ڪو الڳ نظريو آهي. اسان جي ملڪ اندر قومي جمهوري انقلاب ۾ هو فقط مزور طبقي جو ساٿ ڏيئي سگهن ٿا ۽ انهن جي اڳواڻيءَ هيٺ جدوجهد ڪري سگهن ٿا. هاري اڪيلي سر رڳو زرعي انقلاب به آڻي نٿا سگهن. پراڻي قسم جي سرمائيدار طبقي واري آندل انقلاب ۾ زمين جو مسئلو وڃي، شاهوڪار ۽ سرمائيدار طبقي جي وات ۽ فائدي پٽاندر حل ٿيندو هو. نئين جمهوري انقلاب ۾ زرعي انقلاب مزور طبقي جي اڳواڻيءَ ۾ آڻڻ گهرجي. فقط تڏهن ئي هارين جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڏکي عرصي وارا بنيادي مفاد پورا ٿين ٿا. مزور جو ساٿي بڻجڻ کان

پوءِ ئي هاري هڪ زبردست قوت بڻجي سگهندا. هاري طبقي جهڙي زبردست ساٿي ماڻ ڪري، مزور طبقي جي طاقت ڪئين ڀيرا وڌي وڃي ٿي. پر اهو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته هارين جي طاقت به صحيح نموني رکو ان وقت ئي ڀرپور نموني ڪارائتي ۽ اثرائتي ثابت ٿئي ٿي، جڏهن هو مزور طبقي سان گڏجن ٿا ۽ سندن رهنمائي قبول ڪن ٿا.

اسان جي پارٽي مزور طبقي جي پارٽي آهي. ان جي سياسي واٽ مزور طبقي جي سوچ جو آئينو آهي، ۽ اها هارين جي مفادن جي به ترجماني ڪري ٿي. اهوئي سبب آهي جو گذريل چاليهن سالن ۾ اسان جي هاري عوام وفاداريءَ سان مزور طبقي جي پارٽيءَ جي پوئلڳي ڪئي آهي ۽ مزور هاري ڀڏيءَ کي روز بروز وڌيڪ مضبوط ۽ اڻ ٽٽ بنايو آهي. ويٽنامي انقلاب ثابت ڪيو آهي ته جيڪا به انقلابي تحريڪ مزور طبقي جي واٽ، يعني مارڪسي- ليننی واٽ تي اڳتي وڌندي ۽ جنهن جي اتاهم مکيه قوت مزور هاري ڀڏيءَ تي ٻڌل هوندي، اها انقلابي تحريڪ ضرور سوڀاري ٿيندي نوڙي ان جا دشمن ڪيڏا به طاقتور ڇو نه هجن ان کي ڪهڙيون به سور سختيون، خطرا ۽ تڪليفون آڏو ڇو نه اچن.

قومي جمهوري انقلاب جي سيني ڏاڪن تي اسا جي پارٽيءَ، مزورن ۽ هارين جي ڀڏيءَ جي زور تي

جو ڀڃڻ تائين پهچي، گڏيل محاذ ختم ٿي ويندو.
جيڪڏهن ماڻهو محاذ اندر غلط لاڙن خلاف با اصول
نموني جدوجهد ڪرڻ چاهيندو هوندو، يعني گڏيل سياسي
پروگرام جي بنياد تي ۽ ان تي عمل ڪرائڻ لاءِ
جدوجهد ڪرڻ چاهيندو هوندو ته پوءِ اهڙي با اصول
جدوجهد قومي اتحاد کي ٽوڙڻ ۽ قومي گڏيل محاذ
کي ڪمزور ڪرڻ بدران اٽلو اتحاد کي طاقتور ڪندي
۽ محاذ کي مضبوط بڻائيندي حقيقت ۾ اهوئي طريقو
آهي، جنهن سان ڀڃي ۽ گڏيل محاذ قائم رهي
سگهن ٿا.

اسان جي پارٽي ويٽنامي انقلاب جي اڳواڻ آهي.
ان جي ڳولي ڪڍيل، ناهيل ۽ ورتل وات اها وات
آهي جنهن تي هلبو ته گڏيل قومي مفاد ڪاميابيءَ
سان حاصل ٿي سگهندا. اهڙي پارٽيءَ هٿان ڪري اسان
جي پارٽيءَ کي قدرتي طرح قومي گڏيل محاذ جو
اڳواڻ مڃيو ويو آهي. انقلاب جو ۽ قوم جو مفاد
انهيءَ ۾ آهي ته قومي گڏيل محاذ ۾ پارٽيءَ جي
اڳواڻيءَ واري حيثيت ۽ ڪردار کي لڳاتار مضبوط
ڪندو ۽ وڌائيندو رهجي، پارٽيءَ جي خود مختيار سياسي
وات ۽ تنظيم کي برقرار رکجي ۽ اهڙن سڀني لاڙن
جي مخالفت ڪجي، جن جو مطلب اهو هجي ته
قومي گڏيل محاذ اندر اسان جي پارٽيءَ جي ڪردار
کي هيٺ ڪيرائجي يا ان کي محاذ ۾ ڳاري ختم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو پرڏيهي سيٺين ۽ سرمائيدارن جو گماشتو يا دلال ناهي، تنهن جي واڌاري تي پرڏيهي سامراج روڪ وڌي آهي. ان ڪري اهو به ڪن ڳالهين ۾ وطن دوست آهي. آزادي لاءِ هلندڙ قومي تحريڪ ۾ انهن به ڪجهه حصو ورتو آهي. اڄوڪي دور جو سرمائيداري سرشتو جيڪو تاريخي طرح بنهه مدي خارج ثابت ٿي چڪو آهي، تنهن خود اسان جي ڌرتيءَ تي ڏي پنهنجا نفرت جوڳا مردار ۽ رجعت پرست لچڻ ۽ پرڪار پڌرا ڪري وڌا آهن. سندس اصليت پراڻي ۽ نئين غلاميءَ واري راڄ جي روپ ۾ ظاهر ٿي پئي آهي.

هاڻي اها حقيقت روز بروز وڌ ۾ وڌ صاف ۽ روشن ٿي رهي آهي ته سماجي ترقي جو سوشلزم ڏانهن لاڙو اٽل ٿر آهي. ان تاريخي ماحول جي ڪري ۽ عوام جي طاقتور انقلابي تحريڪ ۽ ان جي زبردست ڪاميابين کي ڏسي، قومي شاهوڪار طبقي سان ڪي دانشور ۽ خود ڪي قومي شاهوڪار، خاص ڪري سندن اولاد اهڙا نڪتا آهن، جي وقت جي لاڙن کي سمجهي ويا آهن. هنن آهستي آهستي پنهنجي بيهڪ جي جڳهه بنيادي طرح بدلائي آهي، هو آهستي آهستي مزورن ۽ هارين جو طرف وٺڻ لڳا آهن ۽ هن نئين دور جو قومي خود مختياريءَ ۽ جمهوريت وارو گس ورتو اٿن.

اسان جي پارٽيءَ سدائين قوم جي بنيادي قوتن يعني مزورن ۽ هارين جي طاقت تي ڀروسو ڪيو آهي.

۾ مبتلا نہ ٿيندا آهن ۽ هو ڪڏهن بہ اڪيون پوري انهيءَ ڳالهہ جو انتظار نہ ڪندا آهن تہ دشمن جي صفن اندر قوت کھڙو رنگ ٿي وٺي. وڏي ڳالهہ تہ اسان کي خبر آهي تہ جڏهن عوام ڪو قدم کڻندا آهن تڏهن دشمن جا پاڻ ۾ وڙهيل ٽولا هميشه اها ڪوشش ڪندا آهن تہ انقلاب خلاف پنهنجيون قوتون ڪٺيون ڪرڻ لاءِ پنهنجا جهيڙا جهٽا في الحال پاسيرا رکي ڇڏين. پر تڏهن بہ لينن سچ چيو آهي تہ "سرمائيدارن جي ملڪيت کين پاڻ ۾ ويڙهائي بڇڙو ڪيو آهي ۽ کين ساٿين مان ڦيرائي وحشي مرون بڻائي وڌو آهي."

دشمن جي صفن ۾ قوت پوڻ تي ڀاڙي ويهي رهڻ بدران اسين انهيءَ ڳالهہ کان چڱيءَ طرح باخبر رهون ٿا تہ اها قوت ڪيترو وڌي ٿي ۽ ان مان انقلاب لاءِ ڪيترو فائدو وٺي سگهجي ٿو، تنهن جو دارو مدار انهيءَ ڳالهہ تي آهي تہ خود انقلابي قوتن ۾ ڪيترو دم ۽ طاقت آهي. دنيا جي سمورن سچن پچن عوامي انقلابن جي تجربن ڏيکاريو آهي تہ انقلابي قوتون جيترو مضبوط ٿين ٿيون ۽ انقلابي وير جيترو مٿي چڙهي ٿي، دشمن جي صفن ۾ اوترو ئي ڦيٽارو وڌي ٿو ۽ اوترو ئي سندن پاڻ ۾ وڙهي ٽڪر ٿيڻ جو امڪان وڌي ٿو. تان جو نيٺ اهڙو بہ وقت اچي ٿو، جڏهن اهي قوتون ۽ ٽڪرار ايترو تہ وڌيو وڃن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهميت رکندڙ اصول تي عقل ۽ سمجهه سان، تخليقي ۽ اثرائتي نموني عمل ڪرڻ واسطي هي ڳالهيون لازمي طرح گهربل آهن:- انقلاب جي مقصد سان اٿاهه وفاداري هجڻ کپي ، قوم ۽ عوام کي آزاد ڪرائڻ جو ارادو رک کان به سخت ۽ مضبوط هجڻ کپي، عوام تي مضبوط پڻ هجڻ گهرجي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٻيو

## انقلابي سرگرمين جا اصول ۽ طريقا

انقلاب کي ڪاميابيءَ جي منزل تي رسائڻ لاءِ اهو بنيادي طرح لازمي آهي ته پنهنجي ڪم جا نه رڳو عام رخ ۽ حڪمت عمليءَ وارا مقصد اڳواٽ طيءِ ۽ مقرر ڪري ڇڏجن پر ساڳئي وقت هر دور ۾ جيڪي خاص رخ ۽ مختلف مقصد سامهون هجن انهن جي صفائي ۽ چٽائي به ڪري ڇڏجي. پر رڳو اهو ڪري ڇڏڻ به ڪافي ناهي. اهو رخ ۽ مقصد طيءِ ڪري انهن جي چٽائي ڪري ڇڏڻ جهڙي ڏي اهم ڳالهه هڪڙي ٻي به آهي. اها هيءَ آهي، جڏهن نيٺ اهي فيصلا ٿي وڃن ته اسان جي جدوجهد ۾ عام رخ ۽ عام مقصد فلاڻو هجي ۽ فلاڻي خاص دور ۾ ان جو خاص رخ فلاڻو هئڻ کپي ته پوءِ انهن فيصلن کي عملي ويس ڪيئن ڏيکارجي؟ ان لاءِ ڪهڙو ڱس وٺجي؟ ڪهڙا طريقا اختيار ڪجن؟ ۽ ڪهڙا ڱر استعمال ڪجن؟ تجربي ڏيکاريو آهي ته ڪن حالتن ۾ انقلابي تحريڪون صاف رخ ۽ مقصد نه هئڻ ڪري سمت يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڏيهي سامراجين جي ڏيهي سرمائيدار ايجنٽن جي سردار ۽ ذليل رجعت پرست ڪردار کي عوام اڳيان بلڪل ننگو ۽ اگهاڙو ڪري ڇڏيو. انقلاب ۾ ان کان پوءِ جيڪو به واڌارو ٿيو، تنهن سموري واڌاري لاءِ اهو پهريون ڪامياب قدم هار جيت جي فيصلي ڪرڻ جهڙو اهم قدم ثابت ٿيو. حقيقت ۾ جيڪڏهين ١٩٣١-٣٠ع واريون ڌرتي ڌوڌيندڙ طبقاتي لڙايون نه ٿين ها ۽ مزور ۽ هاري [illegible]هن ۾ پنهنجيون غير معمولي انقلابي صلاحيتون نه ڏيکارين ها ته ١٩٣٦ع کان ١٩٣٩ع تائين واري عرصي ۾ جيڪو انقلابي اڀار ۽ چاڙهه آيو سو هرگز نه اچي سگهي ها.

ويٽنامي انقلابي جدوجهد جي تاريخ ۾ سال ١٩٣٦ کان ١٩٣٩ع تائين جي عرصي وارو جيڪو دور ٿي گذريو آهي، اهڙو غلام بڻايل ملڪن جي انقلابي جدوجهد جي تاريخ ۾ ورلي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. انهيءَ دور ۾ ٻن قسمن جون جدوجهدون ڌار ڌار طريقن سان هلايون ويون. انهن مان هڪڙي قسم جون جدوجهدون حاڪم طبقن جي مڙهيل قانونن موجب سئو سيڪڙو قانوني ۽ کلي کلائي نموني هلايون ويون ٻئي قسم جون جدوجهدون ڪجهه قانوني ۽ ڪجهه غير قانوني نموني هلايون ويون. ٽئي قسم جون جدوجهدون وري ڳجهي ۽ سئو سيڪڙو غير قانوني نموني سان هلايون ويون. انهن ٽنهي قسمن جي جدوجهد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي اهڙي نموني هڪبئي سان گڏو گڏ ۽ پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪري هلايو ويو، جنهن جو مثال ورلي ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

جڏهن فرانس ۾ عوامي محاذ * جي حڪومت اقتدار ۾ آئي، تڏهن اسان جي پارٽيءَ سوچيو ته انقلاب ڪي هڪ قدم اڳيان وڌائڻ جو اهو سونهري وجهه آهي ۽ ان جو ڀرپور فائدو وٺڻ کپي جيئن ته پارٽي

---

* ان زماني ۾ جرمني ۾ هٽلر ۽ سندس نازي پارٽي اقتدار ۾ اچي چڪا هئا. جنگ جو خطرو وڌي رهيو هو. فرانس جي حاڪم طبقن کي نازي جرمنيءَ کان خطرو هو ته متان هو ڪنهن به وقت اوچتو حملو ڪري فرانس کان پراڻا وير وٺي. ان ڪري فرينچ حاڪم طبقن فرانس جي پورهيتن سان ٺاهه ڪري ۽ اهڙي گڏيل حڪومت قائم ڪئي، جنهن ۾ سرمائيدارن کانسواءِ پورهيتن جا نمائندا به شامل هئا. ان حڪومت جون پاليسيون اڳوڻين حڪومتن جي ڀيٽ ۾ ڪجهه گهٽ مرداو ۽ رجعت پرست هيون. فرانس جي غلام بنايل ملڪن ۾ پڻ هن گڏيل حڪومت غلام قومن سان ڪجهه نرمي ڪئي. ويٽنامي انقلابين ان نرم صورتحال جو ڀرپور فائدو ورتو ۽ جيڪي ضروري ڪليون ڪلايون ۽ قانوني سرگرميون هو اڳي پڻ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اوئهي عوامي جدوجهد شروع نه ٿي سگهي ها، جنهن جدوجهد اڳتي هلي آڪٽوبر انقلاب برپا ڪيو، ساڳي طرح اسان وٽ ١٩٣٩-٣٦ع واري زبردست جمهوري تحريڪ آگسٽ انقلاب جي شاندار ڪاميابي لاءِ ميدان تيار ڪيو. ھي دور اهڙي زبردست عوامي هلچل جو دور هو جنهن جو ڪو مثال فرانس جي غلام بينڪن جي ماڻهن جي جدوجهد ۾ مشڪل لڀندو.

اسان جي پارٽيءَ لکين ماڻهن کي، خاص ڪري هارين ۽ مزورن کي سجاڳ ڪيو ۽ کين سياسي تعليم ۽ تربيت ڏني. انهيءَ ڪم لاءِ پارٽيءَ تنظيم ۽ جدوجهد جا بي انداز لچڪيدار ۽ گهڻن قسمن جا طريقا ڪتب آندا. ايتري قدر جو فرينچ پرسارن جي همٿ نوڪين اسيمبلين ۽ بينڪي پارليامينٽن کي به عوام جي فائدي لاءِ استعمال ڪيو ويو. پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ عوام زبردست جدوجهدون هلايون جي شهرن توڙي ٻهراڙين کي ٻاه وانگر وڪوڙي ويون ۽ ڪارخانن، فرينچ زميندارن جي فارمن ۽ کاڻين کان وٺي وڃي ڳوٺن ۽ واهڻن تائين پهتيون. انهي زبردست سياسي هلچل ٿي اهي سازگار حالتون تيار ڪيون، جن جي مدد سان پارٽي ١٩٤٥-٤٠ع وارين نيئن ۽ چٽين لڙاين ۾ عوام جي اڳواڻي ڪري سگهي.

ٻي مهاڀاري لڙائي جي شروع ٿيڻ کان پوءِ فرينچ پرسارن شڪست کائي وڃي جپانين اڳيان گوڏا

ڪوڙيا * ۽ سڄو هند چيني علائقو يعني ويٽنام، ڪمبوڊيا ۽ لائوس جا ٽيئي ملڪ جپاني سامراج کي نذراني طور ڏيئي ڇڏيائون. اهڙي طرح اسان جي عوام جي ڪجهه ۾ غلاميءَ جو ٻٽو ڦاهو پئجي ويو.

ان دور ۾ پارٽي انهيءَ فيصلي تي پهتي ته ظلم، ذلت ۽ جنگ عوام کي ڏونڌاڙي سجاڳ ڪندا، تان جو هو نهايت زوردار انقلابي ڪارروايون ڪرڻ لڳندا، اهڙيءَ ريت انقلاب لازمي طرح وري پڙڪو کائي اٿندو.

صدر هوچي منهه جي صلاح تي پارٽيءَ گهٽي ۾ گهٽين قومي جمهوري قوتن کي هڪڙي هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ ويٽنامي عوامي محاذ (ويت منهه محاذ) قائم ڪيو. ساڳئي وقت ان انقلابي اڏا ناهڻ ۽ پهريان هٿيار بند

---

*انهن زماني ۾ نازي جرمنيءَ فرانس تي حملو ڪري پنجن ڏينهن اندر فرينچن کي شڪست ڏني ۽ ان کان پوءِ جڏهن جرمنيءَ جي ساٿيءَ جپان فرينچن جي هند چيني وارن غلام ملڪن کي اچي سوڙهو گهٽيو، تڏهن فرينچ سامراجي هند چيني علائقي اندر جپاني فاشين جي مقابلي جو ست ساري نه سگهيا. انهيءَ ڪري هند چين ۾ جپانين جي بالادستي کي تسليم ڪيو ۽ ويٽنام سميت ٽيئي ملڪ انهن جي غلاميءَ ۾ ڏيئي ڇڏيائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دستا قائم ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. هن ”فرينچن سان وڙهو! جپانين کي لوڌي ڪڍو!“ جي هلچل شروع ڪئي، گوريلا لڙائيءَ کي وڌايو ۽ جزوي يعني مڪاني بغاوتن ۾ زبردست واڌارو ڪيو. جيئن پارٽي سوچيو هو تيئن ٿي ٿيو. جپانين فرينچن سان دغا ڪري سندن رهيل کهيل نالي ماتر حڪومتي مشينري به ٽوڙي ڇڏي ۽ پاڻ سنئون سڌو ويٽنام جا حاڪم بڻجي ويا. اهو وجهه وٺي پارٽيءَ پنهنجيءَ پاليسي ۾ هڪدم پلٽو آندو ۽ ”جپان جو مقابلو ڪرڻ ۽ قوم کي بچائڻ“ جي تحريڪ شروع ڪري ڇڏيائين. اهو دور ٻرندڙ ۽ ٽهڪندڙ عوامي هلچل جو دور هو. ان دور ۾ انقلاب جون سياسي قوتون پکڙنديون به ويون ۽ منجهن گهرائي ۽ اونهائي به پيدا ٿيندي ويئي. اهي ٻهراڙين، شهرن، جبلن، ميدانن ۽ ٻيلن کي وڪوڙي ويون. سياسي قوتن سان گڏوگڏ هٿياربند انقلابي قوتون به وڌيون ويجهيون. اهڙي طرح ايندڙ عام بغاوت، لاءِ هر طرح جون تياريون ڪيون ويون.

آگسٽ واري انقلاب جيڪا شاندار سوڀ حاصل ڪئي، ان جو هڪڙو ڪارڻ ته اهو هو جو سال ١٩٤٠ کان ١٩٤٥ع واري عرصي ۾ قومي آزاديءَ جي زبردست تحريڪ هلائي ويئي. پر سوڀ جو سبب رڳو اهو نه هو. سال ١٩٣٠ کان ١٩٣١ تائين ۽ سال ١٩٣٦ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر وقت سربستي خبر هئڻ کپي ۽ ان ۾ جيڪي ڦيريون گهيريون اچن ان کان به باخبر هئڻ کپي. ڪين دشمن جي سمورن منصوبن، چالن ۽ سندس صلاحيتن جي پوري پوري ڪٿ لڳائڻ کپي ۽ سندس صفن ۾ جيڪي به ڦيريون گهيريون اچن، تن جو اندازو لڳائڻ کپي. ساڳئي وقت ڪين اها به پوري پوري خبر هئڻ کپي ته عوام اڄڪلهه ڪهڙن خيالن ۾ آهي، سندس مرضي ڪهڙي آهي ۽ منجهس ڪهڙا ڪم ڪرڻ جي پهچ ۽ سگهه آهي. ائين ڪبو ته پوءِ ماڻهو اهڙا تڙ ۽ وقتائتا نعرا پيش ڪري سگهندو، جيڪي گهٽي ۾ گهٽي عوام کي حرڪت ۾ آڻيندا ۽ ڪين جدوجهد جي هيٺين ڏاڪي کان ڪٽي مٿين ڏاڪي تائين رسائيندا. اهڙي ريت عوام جي سياسي سمجهه ۽ پروڙ اوچي ٿيندي ويندي ۽ انقلاب جي فوج گهٽي به ٿيندي ويندي ۽ مضبوط به ٿيندي ويندي.

اقتدار حاصل ڪرڻ کان اڳ توڙي اقتدار حاصل ڪرڻ جي لڙائي هلندي، انقلاب ۽ عوام وٽ هڪڙو ئي هٿيار هوندو آهي: اهو هٿيار آهي تنظيم. جنهن انقلابي تحريڪ جي اڳواڻي مزدور طبقو ڪندو آهي، تنهن جي سڃاڻپ جي مکيه نشاني اها آهي ته ان جي تنظيم جو معيار ۽ درجو تمام اوچو هوندو آهي. سموري انقلابي جدوجهد جو نچوڙ ۽ تت اهو آهي ته عوام کي سجاڳ ڪري ان منزل تي رسائجي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر قسم جا انقلابي ڪم ڪيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪن خاص حالتن ۾ پارٽي باقاعدي اهڙيون مهمون هلائيندي آهي ته "فلاڻي فلاڻي قانون تي عمل ڪيو وڃي يا فلاڻو قانون هيٺئن يا هوئڻ ناهيو يا استعمال ڪيو وڃي." ان مهم جو مطلب اهو نه هوندو آهي ته ڪو پارٽي ان خوش فهمي ۾ هوندي آهي ته عوام کي سياسي اقتدار قانوني طريقن سان ملي ويندو. نڪو وري پارٽي اهو چاهيندي آهي ته ڪو عوام جي دلين ۽ دماغن ۾ حاڪم طبقن جي قانون بابت اجايون خوش فهميون پيدا ڪجن. پر انهن ڪمن جو مقصد اهو هوندو آهي ته عوام جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ ۽ کين سڌي گڏ ڪرڻ جي ڪم جو دائرو وڌائجي ۽ ڪشادو ڪجي ۽ انقلاب جو اثر وڌائجي. اهڙن وقتن تي پارٽيءَ کي گهرجي ته دل سان هٿن ۽ هيڪڙ جي مخالفت ڪري. ساڳيءَ طرح ان جو فرض آهي ته اهڙا قانون پرستيءَ يعني حاڪم طبقن جي عوام دشمن قانونن جي انڌي پوڄا جي لاڙي کان پهري سجاڳ رهي ۽ ان جي مخالفت ڪري. ساڳيءَ طرح ان کي کپي ته تنظيم ۾ سخت رازداري رکڻ واري پارٽي اصول جي ڀڃڪڙيءَ خلاف به پهري سجاڳ رهي ۽ اهڙين ڀڃڪڙين جي مخالفت ڪري. پارٽي کي تنظيمن کي اڏڻ ۽ وڌائڻ جي ڪم کان لاپرواهه ٿيڻ جي لاڙي پيدا ٿيڻ جو هر وقت

سان نهڪندڙ ۽ ساڻن قدم قدم سان ملائي هلندڙ،
تڪي ڏار ۽ انهن وارا نعرا پيش ڪري سگهي ٿو يا
نه. ماڻهوءَ ڪي انهيءَ ڳالهه تي ڪڏهن به ڳنڍ پڌي
وٺي نه رهڻ گهرجي ته ڪو اقتصادي نعرا هرو ڀرو
سڌاري پرست نعرا ٿيندا آهن ۽ سياسي نعرا هرو ڀرو
انقلابي نعرا هوندا آهن. ڪي سياسي نعرا اهڙا به ٿي
سگهن ٿا جن جو ڪردار سڌاري پرست هجي ۽ ڪي
اقتصادي نعرا اهڙا به ٿي سگهن ٿا جن جو جوهر
انقلابي هجي. اصل سوال اهو آهي ته ڪو نعرو ڪڏهن
پيش ڪيو وڃي ٿو، ڪهڙين حالتن ۾ پيش ڪيو
وڃي ٿو ۽ ڪهڙي مقصد سان پيش ڪيو وڃي ٿو؟
جڏهن حالتون ڀرپور انقلابي ڪاروائيءَ لاءِ سازگار نه
هجن، تڏهن عوام کي ڪٺي ڪرڻ لاءِ اهڙا نعرا پيش
ڪيا ويندا آهن ۽ تنظيم ۽ جدوجهد جا اهڙا روپ
اختيار ڪيا ويندا آهن، جن تي سياسي رنگ بنهه هلڪو
۽ نالي ماتر چڙهيل هوندو آهي. پر جيڪڏهن ڪا پارٽي
سچ پچ انقلابي آهي ۽ سندس انقلاب جي آخري منزل
سان مرڻ جيئڻ جو ناتو ڳنڍيل آهي ته اها اهڙي قسم
جي ظاهري طرح غيرانقلابي نعرن ۽ تنظيم ۽ جدوجهد
جي ظاهري طرح غيرانقلابي روپن تي به انقلاب جي
مهر هڻي ڇڏيندي. اسان جي پارٽي سمورن دورن ۾ ۽
خاص ڪري آگسٽ ١٩٤٥ع واري انقلاب کان اڳ
واري دور ۾، فوري ۽ تُرت مقصدن کي بنيادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏن ۽ ڏکين مقصدن سان ملائي شامل ڪندي رهي آهي ۽ وڏي عقلمندي ۽ ڏاهپ سان، ڪاروائيءَ جي نعرن کي سياسي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ وارن نعرن سان ملائي شامل ڪندي رهي آهي. جيڪڏهن ڪو نعرو ڪنهن وقت ۽ هنڌ جي نئين صورتحال سان نهڪي ٿو اچي ته ان مان هڪڙي پوري تحريڪ پيڙڪو کائي ايري سگهي ٿي. ان جو هڪڙو اکين ڏٺو مثال اهو نعرو آهي جيڪو اسان جي پارٽيءَ آگسٽ ١٩٤٥ع واري انقلاب جي تياريءَ واري دور ۾ عوام اڳيان پيش ڪيو هو. اهو نعرو هي هو "آن جا ڪرا هٿ ڪريو، ڏڪار کي ڇيهائي ڇڏيو!" هي نعرو ان وقت جاري ڪيو ويو، جڏهن باڪبو ۽ اترين ترونگ بو صوبن ۾ ڏڪار راڳا پئي ڪيا. انهيءَ نعري عوام جي ترت ۽ فوري جذبن ۽ امنگن جي ترجماني ڪئي، سندن ڪاوڙ ۽ نفرت جي باهه کي پيڙڪايو ۽ کين ست ڏئي اٿاري کڙو ڪري ڇڏيو. تان جو هو ٻرندڙ ۽ ٽهڪندڙ انقلابي جذبي سان بغاوت ڪري اٿيا ۽ اقتدار تي قبضو ڪري ورتائون.

عوام کي تعليم ۽ تربيت ڏيندڙ نعرن ۽ کين ڪاروائيءَ لاءِ للڪاريندڙ نعرن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ کپي. نه ته عوام يا ته وقت کان اڳي فيصلو ڪندڙ لڙاين ۾ ڦاسي پوندا يا مرڳو وقت کان پوءِ اهڙي لڙائيءَ ۾ ڏڪجي پوندا. جيئن جيئن جدوجهد ڏاڪي

ايندا ۽ ڪامياب ٿيندا هوا جڏهن سامراجي وٽي ڪا نہ ڪا جنگ مچائيندا هوا. پر انهيءَ ڳالهہ مان اهو نتيجو نہ ڪيڻ گهرجي تہ هر ڪنهن جنگ مان لازمي طرح انقلاب ڦٽندو آهي يا انقلاب آڻڻ لاءِ پهرين هرو ڀرو عالمي جنگ جو لڳڻ ضروري آهي. انقلاب آڻڻ لاءِ جنگ جو انتظار ڪرڻ فضول آهي. انقلاب سڀ کان پهرين ۽ سڀ کان وڏيڪ، ملڪ جي طبقاتي ٽڪرن مان پيدا ٿيندو آهي. جڏهن اهي ٽڪر وڏي وڏي وڇ چيهہ تي پهچندا آهن، تڏهن انقلاب ايندو آهي. اڳئين زماني ۾ جڏهن سامراجي جنگيون لازمي ۽ اڻ ٽر هونديون هيون، تنهن زماني ۾ انهن جنگين جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو هو جو اهي ڏار ڏار ملڪن ۾ انقلابي گهوٽالا تيز ڪري ڇڏينديون هيون. انهيءَ صورتحال جو فائدو وٺي ڪميونسٽ چوندا هرا تہ 'سامراجي جنگين کي بدلائي انقلابي گهرو ويڙهيون بنايو.'

پهرين مها ڀاري لڙائي ۽ ان کان پوءِ دنيا جي جيڪا صورتحال هئي، تنهن کان دنيا جي اڄوڪي صورتحال بنهہ ٻي آهي. اڄ انساني سماج جي تاريخي واڌاري جي جوهر، لاڙن ۽ خصلتن تي سڀ کان وڏو اثر دنيا جون سوشلسٽ قوتون وجهي رهيون آهن. اهي قوتون دنيا جي سوشلسٽ نظام جو قوتون آهن، اهي دنيا جي سامراج مان انهيءَ لاءِ لڙي رهيون آهن تہ جيئن انساني سماج کي سوشلسٽ نموني بدلائجي. اهڙين حالتن ۾ سامراجي

ڳي وڳ ڪري پوئتي ڌڪين؛ ڪيس آهستي آهستي، ذرو ذرو ڪري پچن ۽ پورڪن ۽ نيٺ پچاڙي جو ڪيس سڄي جو سڄو ڍاهي ڪٽي پٽ سمان هڻن. جي ائين ڪيو ته پوءِ جنگ کي روڪڻ ۽ انقلاب جا ٻئي مقصد حاصل ڪري سگهبا.

اهو ڪم صحيح نموني ڪيئن ڪجي؟ تنهن جو سبق اسان کي اسان جي ملڪ جي ڏکڻ واري انقلاب مان ملي ٿو. اهو انقلاب ثابت ڪري ڏيکاري ٿو ته جڏهن دنيا ۾ ڪابه سهاياري جنگ ڪانهي، تڏهن امن جو بچاءُ ته برابر ڪرڻو پوي ٿو پر ساڳئي وقت انقلاب به اچي ۽ ڪامياب به ٿي سگهي ٿو. سامراج دشمن انقلاب تيز ڪيو تہ ان مان امن جي بچاءَ ۾ ڪوبہ رخنو نہ پوندو. اٿلو ان مان ثابت ٿيو ٿئي ته امن کي صحيح نموني بچائڻ جو بهترين ۽ بنيادي طريقو آهي ئي اهو تہ سامراج تي حملو ڪجي. ٻئي طرف وري سامراج تي حملو ڪرڻ ۽ سيني ملڪن ۾ انقلاب جي واڌاري لاءِ فائدي وارو ماحول تيار ڪرڻ لاءِ انهيءَ ڳالهه جي وڏي ضرورت آهي ته امن جو بچاءُ ڪيو وڃي ۽ عالمي جنگ کي روڪجي.

ڏکڻ ويٽنام جو انقلاب اهو ثابت ڪري ٿو ته ڪابہ فاشي ڊڪٽيٽر شپ انقلاب کي روڪي نٿي سگهي. جڏهن اسان جي ملڪ جي ڏکڻ ۾ هٿ ٺوڪي حڪومت کي عوام خلاف حيواني ظلم ڪرڻا پيا، تڏهن

ثابت ٿي ويو ته ڪين سياسي ميدان ۾ گهاٽي ٽوڙ ناڪامي نصيب ٿي آهي، انقلابي صورتحال تيار ٿي رهي آهي ۽ انقلاب شروع ٿيڻ وارو آهي. ٿيو به ائين. انقلاب سچ پچ شروع ٿي ويو.

جڏهن انقلابي صورتحال پيدا ٿي وڃي، تڏهن چئبو ته اقتدار تي قبضو ڪرڻ جو سوال کڙو ٿي چڪو آهي. اقتدار تي قبضو ڪيئن ڪجي؟ تنهن جو دارومدار هر ملڪ جي پنهنجين پنهنجين حالتن تي آهي. پر ڪٿي ڇا به هجي، اقتدار سڌارن وسيلي نه پر انقلاب وسيلي حاصل ٿي سگهندو.

انقلاب طبقاتي لڙاين جي عروج تي پهچڻ ڪان پوءِ ايندو آهي. اهو تڏهن ايندو آهي جڏهن سياسي اقتدار جو فيصلو ڪرڻ لاءِ پيڙيل طبقا حاڪم طبقن خلاف زبردستي ڪندا آهن. زبردستي ڪيترن روپن ۾ ظاهر ٿيندي ۽ استعمال ٿيندي آهي. ٿوري ۾ ائين ڪٿي چئجي ته انقلابي زبردستي ڪرڻ لاءِ ٻن قسمن جي قوتن تي مدار رکڻو پوندو آهي. هڪڙيون هٿيار بند قوتون ٻيون سياسي قوتون. انقلابي زبردستيءَ ۾ ٻن نمونن جون جدوجهدون سمايل هونديون آهن: هڪڙي فوجي جدوجهد ٻي سياسي جدوجهد. اهي ٻنهي نمونن جون جدوجهدون الڳ الڳ به استعمال ڪبيون آهن ته ٻئي پاڻ ۾ گڏي به استعمال ڪبيون آهن. ويٽنامي انقلاب جو تجربو ڏيکاري ٿو ته انقلاب فقط تڏهن ڪامياب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي سا لازمي طرح عوام طرفان ٿيڻ کپي، ڦريل ماريل عوام جي اٿاهه هجومن طرفان ٿيڻ کپي. هو پارٽي اڳواڻيءَ هيٺ بي شمار طريقن سان پنهنجو زور ۽ محڪم ارادو ڏيکاري سگهن ٿا. انقلابي زبردستيءَ جو سڀ کان بهترين ۽ سڀ کان انقلابي طريقو اهو آهي ته زبردستيءَ جا اهڙا روپ تيار ڪجن ۽ منظم ڪجن جي حالتن سان بهترين نمونو ٺهڪي اچن، عوام جي قوت کي سڀ کان بهترين نموني منظم ڪن ۽ ان عوامي قوت سان حاڪم طبقن کي سٽي ڪٽي انقلاب کي سڀ کان سهڻي نموني ڪامياب ڪرائي سگهن. اها تمام وڏي ۽ سنگين غلطي ٿيندي جو ضرورت هجي ته پوءِ به ماڻهو فوجي جدوجهد شروع نه ڪري يا وري فوجي جدوجهد تڏهن ڪري وڃي جڏهن حالتون اجا سازگار ٿي نه هجن.

آگسٽ ١٩٤٥ع واري انقلاب ۾ اسان جي پارٽيءَ اقتدار کڻڻ لاءِ زبردستيءَ انقلاب آڻڻ جي قانون کي تخليقي نموني ڪتب آندو. آگسٽ واري انقلاب سياسي جدوجهد کي فوجي جدوجهد سان ملايو. هڪ طرف سياسي ۽ فوجي قوتن کي پوري طرح ۽ ذري پرزي تيار ڪيو ويو ته ٻئي طرف سامراجين ۽ وڏيرن جي راڄ کي اونڌو ڪرڻ واسطي عوام کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ جيڪو به موزون وجهه مليو سو فورن هٿ ڪيو ويو. قومي ڇوٽڪاري ۽ آزاديءَ لاءِ جيڪي هٿياربند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دستا قائم ڪيا ويا هوا سي عوام جي اڻاهم انقلابي تحريڪ جي هنج ۾ ڇاوا ۽ نپنا هوا. سندن تعداد برابر ٿورو هو ۽ هنن جيڪي لڙايون ڪيون هيون اهي به ڪي ايڏيون وڏيون ۽ زبردست ڪونه هيون، پر عوام ۾ سندن ساک ۽ وقار تمام گهڻو هو. هنن هٿياربند دستن سال ١٩٤١ع کان ١٩٤٥ع واري دور جي عرصي ۾ وطن دوستيءَ جي وڏي وير پيدا ڪرڻ ۾ اهم حصو ورتو هو. جڏهن سوويت يونين جپاني فاشين جي ڪوان تونگ فوج کي ڳاٽي ٽوڙ شڪست ڏني ۽ جپاني بنا شرط شروط جي پيش پيا. تڏهن پارٽيءَ انهيءَ اڻ لڀ سونهري موقعي جو تيزيءَ سان ۽ هڪدم فائدو ورتو ۽ هڪدم عام بغاوت شروع ڪري ڇڏيائين. اسان شهرن ۽ ٻهراڙين جي وسيع عوام جي سياسي قوتن جي آڌار تي اها عام بغاوت ڪئي. انهن سياسي قوتن کي اسان انقلابي فوجي قوتن سان ملايو ۽ اهڙي ريت تخت گاهه جي شهر ٽوڙي ٻين شهرن ۾ دشمن جي راڄ جا مکيه عضوا پچي پور ڪري ڇڏياسون. اسان ٻهراڙيءَ ۾ سندس سرڪاري مشينريءَ جو چار ٽوڙي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو ۽ سموري ملڪ جي اقتدار تي قبضو ڪري ڇڏيوسين.

انقلابيءَ کي گهرجي ته انقلابي زبردستيءَ جي قانونن ۽ هنرن جي آونهي پروڙ حاصل ڪري، دشمن خلاف قوت جي زبردست برتري ناهي، مضبوط ۽ طاقتور

تيئن تيئن حالتون پاڻيهي ظاهر ٿينديون هلنديون ته منجهن ڪهڙا امڪان ۽ واڌاري جا لاڙا لڪل آهن. ساڳئي وقت تاريخ جي جوڙيندڙن ۽ خالقن يعني عوام جي اٿاهه تخليقي قوت اسان کي سيني عملي مسئلن حل ڪرڻ جا صحيح ڏس، پتا ۽ طريقا ڏسيندي ويندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٽيو

### ڏکڻ ويٽنام ۾ انقلاب ۽ آمريڪي اڳرائيءَ خلاف قومي ڇوٽڪاري واسطي عوامي جنگ:

سڄي ملڪ ۾ اقتدار ڪرڻ کان هڪدم پوءِ اسان جي عوام کي فرينچ غلام بڻائيندڙن خلاف مقابلي جي جنگ لڙڻي پئي. اهي فرينچ غلام بڻائيندڙ، آمريڪي دست اندازي ڪندڙن کان مدد وٺي وري به اسان جي ملڪ تي ڪاهي آيا. اها مقابلي جي پاڪ جنگ آگسٽ انقلاب جي مسلسل سان ڳنڍيل هئي ۽ ان جي ڪڙي هئي. اها جنگ اسان جي قوم جي آزادي ۽ مادر وطن جي بچاءَ واسطي هئي ۽ اها مزور طبقي جي اڳواڻي هيٺ لڙي وئي، جنهن طبقي جي نمائندگي اسان جي پارٽي ڪري ٿي. انهيءَ جنگ لڙڻ لاءِ صحيح سياسي ۽ فوجي وات ورتي وئي. اها وات هيءَ آهي ته مقابلي جي جنگ سڄي قوم لڙي، اها سڀ طرفي جنگ هجي ۽ ڊگهي ۽ اينگهايل هجي. ان ۾ مکيه دارومدار اسان جي پنهنجين قوتن تي هجي. ان ۾ انقلابي عوام جي طاقتور قوتن کي هٿياربند قوتن سان ملايو ويو، سياسي قوتن کان پيڙهه جو ڪم ورتو ويو. ان پيڙهه مٿان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرشتي جي ڪمزور ڪان ڪمزور ڪڙين کي پڇي
ٽڪر ٽڪر ڪرڻ لاءِ حالتون پڇي راس تي ويون.
نيٺ هڪ ٻئي پويان لڳاتار بغاوتون شروع ٿي
ويون. انهن بغاوتن جي ڪري انقلاب هڪ اهم ٽپو
ڏنو. انقلاب، دشمن کان بچاءُ ڪرڻ جي پوزيشن سان
وڌي، دشمن تي حملي ڪرڻ واري پوزيشن هٿ ڪري
ورتي. انقلاب جي وڌي وير سموري ڏکڻ ويٽنام تائين
پکڙجي وئي. هٿيار بند لڙائيءَ کي سياسي ڪاروائي سان
ملايو ويو. جيئن جيئن انقلاب وڌي ويجهي چٽي جنگ
جو روپ ورتو، تيئن تيئن فوجي جدوجهد روز
ويئي وڌندي ۽ تمام اهم پارٽ ادا ڪرڻ لڳي. مقابلي
۾ انقلاب جي فتح واسطي لازمي آهي ته دشمن کي
شڪست ڏجي. هٿيار بند جدوجهد انقلابي جدوجهد جو
بنيادي روپ آهي. اها دشمن جي فوجي قوتن کي
ناس ڪرڻ ۽ سندس سمورين سياسي ۽ فوجي قوتن کي
ناڪام بنائڻ ۾ سنئين سڌي ۽ فيصلو ڪندڙ مدد ڏئي
ٿي. پر اها هميشه سياسي ڪاروائي سان شامل ڪئي
ويندي آهي ته جيئن عوام کي لڳاتار بغاوتون ڪرڻ
۾ مدد ملي، دشمن جي گرفت ٽٽي، عوام خود مختياري
جيتي ۽ سلامت رکي ۽ انقلاب اڳتي وڌي. فوجي
جدوجهد سان گڏ عوام طرفان سياسي جدوجهد به جدوجهد
جو هڪڙو بنيادي روپ آهي. سياسي جدوجهد ڏکڻ
۾ هلندڙ انقلاب جي سمورين منزلن تي ۽ سموري انقلاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي ڏکڻ جي ماڻهن دشمن جي سپاهين ۾ سياسي ڪم به تيز ڪري ڇڏيو آهي. ان سياسي ڪم جو مقصد اهو هوندو آهي ته آمريڪي فوج ۽ سندن ڇاڙتي سرڪار جي فوج جي سپاهين کي سچيون پچيون حقيقتون ٻڌائي سندن اکيون کولجن ۽ کين انقلاب جو طرفدار بنائجي ۽ اهڙي ريت آمريڪين جي ويٽناميين کي ويٽناميين سان ويڙهائڻ واري نيچ ۽ ڪميني پاليسيءَ کي ناڪام بنائجي. ڏکڻ ويٽنام ۾ انقلاب جو اهو به هڪڙو سچي انقلاب لاءِ اهميت رکندڙ حملي جو رخ ۽ بنيادي نڪتو آهي. دشمن جي سپاهين ۾ سياسي ڪم ڪرڻ جي ڪري اهو نعرو ڪامياب ٿئي ٿو ته ”مزورو، هاريو، سپاهيو! پاڻ ۾ ٻڌي ڪريو.“ انهيءَ جي ڪري آمريڪي سامراجين جي نئين نموني جي غلاميءَ واري سرڪار جو تختو اونڌو ڪرڻ ۽ کين شڪست ڏيڻ جي ڪم کي هٿي ملي ٿي. ڏکڻ ويٽنام ۾ انقلاب جي واڌاري جو عمل اهو آهي ته عوامي بغاوتن کي انقلابي لڙاين سان شامل ڪيو وڃي. انهيءَ عمل جي شروعات ٻهراڙين ۾ ننڍڙين بغاوتن سان ڪئي وئي. تنهن کان پوءِ ڏاڪي به ڏاڪي عوامي بغاوتون تيزيءَ سان وڌڻ لڳيون. ۽ انقلابي جنگ سان قدم قدم ۾ ملائي وڌيون ويجهيون. انهن عوامي بغاوتن عوام جي عمل جو ميدان ڪشادو ڪيو، عوام جون قوتون اڏيون، انقلابي جنگ کي وڌايو ۽ ان جي وقار کي چوطرف ڦهلايو. ٻئي طرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جي ابتڙ، وري جيئن جيئن انقلابي جنگ وڌي، تيئن تيئن ان وري عوام جي بغاوتن جي شروع ٿيڻ ۽ ڦهلجڻ لاءِ سازگار حالتون تيار ڪيون. ڏکڻ ويٽنام ۾ انقلابي عمل جو لازمي نتيجو اهو نڪتو جو گڏيل فوجي ۽ سياسي جدوجهد وڌي وڌي نيٺ ان منزل تي پهتا جو ١٩٦٨ع جي بهار جي موسم ۾ دشمن تي عام حملو ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي پويان لڳاتار بغاوتون ڪرڻ جو دؤر شروع ٿي ويو.

ڏکڻ ويٽنام جي انقلاب جو هڪڙو سچي انقلابي لاءِ اهميت رکندڙ مسئلو اهو آهي ته ملڪ جي ٽن قسمن جي علائقن يعني جبلن ۽ ٻيلن وارن علائقن، ميداني علائقن ۽ شهري علائقن، انهن ٽنهي قسمن جي علائقن جي جيڪا پوزيشن آهي، تنهن جي اهميت جو سموري انقلاب جي خيال کان صحيح ڪاٿو ۽ صحيح اندازو لڳائجي. ان ڪاٿي ۽ اندازي جي بنياد تي هر علائقي جي خاص حالتن آهر ۽ انقلاب جي هر هڪ ڏاڪي مطابق، مناسب وزن ۽ موزون مقدار ۾ فوجي جدوجهد کي سياسي جدوجهد سان ملائجي ۽ فوجي لڙائي جي ڪاروائين کي عوامي بغاوتن سان شامل ڪجي. انهيءَ باري ۾ رهنمائي ڪندڙ اصول هي آهي: ”سموري انقلاب لاءِ اهميت رکندڙ ٽنهي قسمن جي علائقن ۾ دشمن تي حملو ڪريو.“ ڏکڻ ۾ انقلاب جيڪي طريقا استعمال ڪري ٿو، تن ۾ اهو اصول نرالي اهميت رکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر آهي ته دشمن تي حملي ڪرڻ وقت ڪهڙي جذبي ۽ جولان سان وڏي چڙهي هلائون ڪجن، پنهنجي قوتن کي ڪيئن بچائجي، سلامت رکجي ۽ اڳ جي. ڊگهي اينگهايل جدوجهد ڪيئن هلائجي، فائدي وارا وجهه ۽ موقعا ڪيئن پيدا ڪجن، وڏيون سوڀون ڪيئن ڪٽجن ۽ پس پيش دشمن کي مڪمل شڪست ڪيئن ڏجي.

جيئن فرينچ سامراجين خلاف اسان جي مقابلي جي اڳوڻي جنگ عوام جي جنگ هئي، تيئن آمريڪي اگرائي ڪندڙن خلاف اسان جي هاڻوڪي جنگ به عوامي جنگ آهي، جنهن جو معيار اڳي کان تمام گهڻو اوچو ڪيو ويو آهي.

اتر ۾ آمريڪي اگرائي ڪندڙن اسان کي تباهه ڪرڻ لاءِ اهڙي زبردست هوائي ۽ بحري جنگ شروع ڪئي، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ان تباهيءَ واري جنگ خلاف اسان پنهنجي بچاءُ جي جنگ شروع ڪئي ۽ چئن سالن جي بي حد سورهيائيءَ واري جنگ کان پوءِ اسان جي هٿياربند قوتن عوام دشمن کي مڪمل شڪست ڏني. اسان جا ماڻهو جيڪا عوامي جنگ پيا لڙن، تنهن ۾ اها سوڀ هڪڙي نئين ۽ وڏي پرانگهه هئي.

انهيءَ سوڀ مان گهڻي اهميت وارا نتيجا نڪتا. ان سوشلسٽ اتر (ويٽنام) کي جيڪو علائقو سڄي ملڪ جي انقلاب جي پٺ ۽ پشت پناهي جو مرڪزي اڏو آهي، تنهن کي مضبوطيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏيل مسوب آهي. ساڳئي وقت اها دنيا جي ڀنجن ئي
ڪندڙ جي برادر ۽ دوست ملڪن جي ماڻهن جي گڏيل
ڪاميابي آهي."

ڏکڻ ويٽنام ۾ عوام جي جنگ هڪڙي اهڙي
آزادي جي جنگ آهي جا هڪڙي خاص قسم جي
"خاص جنگ" خلاف ۽ آمريڪي سامراجين جي پڙڪايل
وڏي ڪان وڏيءَ وحشي ڪان وحشي "محدود جنگ"
خلاف لڙي وڃي ٿي.

هن وقت ڏکڻ ۾ قومي آزاديءَ جي محاذ جي
اڳواڻي هيٺ جيڪا عوامي جنگ لڙي پئي وڃي، تنهن
جي وات اهڙي چوندي وئي آهي جا ان جنگ جي
ڪردار ۽ فطرت مطابق آهي. ڏکڻ ويٽنام جي قومي
آزاديءَ جي جنگ حقي جنگ آهي. اتي جي انقلاب
جي فطرت پرپور نموني عوامي آهي. ان ڪري ان
انقلابي ۽ عوامي جنگ لاءِ چونڊيل جنگي وات به
آهڙي ئي انقلابي، عوامي ۽ حقي آهي. ان وات جو
دارو مدار ڏکڻ جي عوام جي اٿاهه وطن دوستيءَ ۽
مڪمل انقلابي جذبي تي ٻڌل آهي. ڏکڻ جا عوام پنهن
جي مقدس ۽ پاڪ قومي حقن کي بچائڻ ۽ انهن کي
استعمال ڪرڻ لاءِ پڪو پهه ڪري اٿي ڪڙا ٿيا آهن.
انهن اٽل فيصلو ڪيو آهي ته پنهنجي مقدس قومي
حقن کي آمريڪي سامراجين ۽ سندن ڪمدارن هٿان
پيرن هيٺ لتاڙجڻ نه ڏيندا سين. انهيءَ عوامي جنگ

سورهيه ۽ سرويچ نه، پر مموري قوم لڙي ٿي. ڏکڻ ۾ جدوجهد هلائڻ جي انقلابي طريقن جو درجو ۽ معيار آهستي آهستي باقائدي اوچو ڪيو ويو آهي. ان جنگ ۾ فوجي لڙائي توڙي سياسي ڪاروائي شامل آهي. اها جنگ عوام طرفان بغاوتون ڪڙيون ڪرڻ جي تحريڪ مان ڦٽي نڪتي آهي. ١٩٥٩ ۽ ١٩٦٠ ۾ لاڳيتين بغاوتن جي وسيلي ڏکڻ ويٽنام جو انقلاب پنهنجي بچاءُ ڪرڻ واري پوزيشن سان وڌي، دشمن تي وار ڪرڻ جي پوزيشن کي رسي ويو. ان ڪانپوءِ ڏکڻ جو انقلاب هميشه مجموعي طرح دشمن تي آڪرو ۽ غالب ٿي، مٿس اڳتي وڌي اڳوات حملو ۽ پٺون سٺ چڙهائي ڪرڻ واري سوچ مطابق هلايو ويو آهي. جڏهن کان دشمن جي "خاص جنگ"* خلاف مقابلي جي جنگ شروع ٿي ۽ هلي، تنهن دور ۾ اسان جي انقلابي جنگ جي دشمن مٿان چڙهت ۽ آڪرائيءَ واري بيهڪ جو بنياد هن ڳالهه تي هو جو اسان جا انقلابي عوام پختو پهه ڪري چڪا هئا ته پنهنجي جيئڻ جو حق موٽي حاصل ڪرڻ لاءِ، اڳرائي ڪندڙن ۽ غدارن سان سرڻ جيئڻ جي ويڙهه ڪبي. مموري عوام جي انهيءَ پختي پهه ڪري ڪين دشمن جي

---

* يعني جڏهن کان آمريڪي اڳرائي ڪندڙن ويٽنام تي حملو ڪيو آهي تڏهن کان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن اها به خبر آهي ته سڀ ڪان سهڻي ۽ ڪارائتي نموني ڪيئن وڙهجي ۽ کٽجي.

ڏکڻ ويٽنام ۾ عوامي جنگ جي رهبري ڪرڻ لاءِ بنيادي اهميت وارو اصول هي آهي ته هڪڙي ڊگهي اينگهايل جنگ لڙجي ۽ جنگ لڙندي لڙندي آهستي آهستي طاقت گڏ ڪبي رهجي، گذريل پاءُ صديءَ ۾ اسان قومي آزاديءَ ۽ پنهنجي مادر وطن جي بچاءُ واسطي جيڪا عوامي جنگ پئي ڪئي آهي سا انهيءَ قانون مطابق لڙي اٿئون.

هاڻوڪي آزادي جي لڙائي ۾ ڏکڻ جون هٿيار بند فوجون ۽ عوام آمريڪي سامراج سان مقابلو ڪري رهيا آهن، جيڪو سڄي دنيا جي سامراجين ۽ غلام بنائيندڙن جو لٺ سردار آهي ۽ وٽس زبردست فوج ۽ جديد هٿيار ۽ ساز سامان آهن.

سندس فوجي ۽ اقتصادي قوتون ۽ ڀيچون اسان ڪان ڪئين ڀيرا وڌيڪ آهن. اهوئي سبب آهي جو اسان کي وقت گهرجي ته جيئن دشمن جي قوت کي تباهه ڪريون، کيس ڪمزور ڪريون، جن ڳالهين ۾ هو مضبوط آهي تن کي سوڙهو گهٽيون ۽ جن ۾ هو ڪمزور آهي انهن ڪمزورين کي وڌايون، پنهنجين هٿيار بند ۽ سياسي قوتن کي سانديي، نپائي وڌو ڪريون، روز بروز طاقت جي ساهميءَ ۾ پنهن جو پڙ وڌيڪ ڳرو ڪندا وڃون، روز بروز دشمن جي طاقت ڇڪيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاهي ڇڏجي ۽ سندس ڪنٽرول، ضابطي ۽ ظلم جي سمورين صورتن کي ختم ڪري ڇڏجي. اهي ڇڙ حملي جا پيالا آهن جيڪي فوجي ڪارواين سان گڏ دشمن جي سيني ۾ تنبيا وجهڻ ٿا. اهي اسان جي هٿيار بند فوجن کي انهيءَ لاءِ سازگار حالتون بڻائي ٿا ڏين ته جيئن هو دشمن جي فوجن کي زور شور سان ناس ڪن. ٻئي طرف انقلابي هٿياربند ويڙهو ڪاروائين جو مقصد رکيو اهو ڪونهي ته ڪو دشمن جون فوجي قوتون ناس ڪجن پر انهن جو اهو به مقصد آهي ته سياسي جدوجهد کي هٿي ڏجي. خاص ڪري بغاوتون ڪندڙ عوام کي هٿي ڏجي ته هو دشمن جي ضابطي ۽ ظلم جي سمورين صورتن کي ناس ڪن، خود مختياري ڪٽڻ ۽ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ عوام جو انقلابي راڄ ۽ اقتدار ڪڙو ڪن.

دشمن جي فوجن جي تباهي جي ڪم کي عوام لاءِ خود مختياري جيتڻ ۽ برقرار رکڻ جي ڪم سان ڳنڍڻ اهو آهي ذڪر ۾ هٿيار بند بغاوت ۽ انقلاب جي لڙائيءَ جي ڪاميابيءَ جو راز. سوال رکيو اهو ناهي ته اقتدار ڏاڪي به ڏاڪي فتح ڪرڻ لاءِ هٿيار بند ڪاروائين کي عوامي بغاوتن سان ملائجي، پر سوال اهو به آهي ته عوامي جنگ جي لاءِ صحيح جنگي بيهڪ قائم ڪجي. فوجي نقطي نظر کان ڏڪڻ جي لڙائي جو ميدان ڏيگهه ۽ ويڪر ۾ تمام ننڍو آهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دشمن جون فوجون تمام گهتيل آهن، ٻئي طرف ڌڪڻ جون هٿيار بند فوجون ۽ عوام پنهنجي ڌرتي سرزمين تي وڙهي رهيا آهن ۽ پوري قوم طرفان بچاءُ ڪرڻ ۽ هٿيار بند جدوجهد کي سياسي جدوجهد سان ملائڻ وسيلي انقلابي جنگ لڙي رهيا آهن. اهوئي سبب آهي جو ڪين اهڙي جنگي بيهڪ اڏڻي پوي ٿــي جا اسان لاءِ فائديمند هجي ۽ دشمن لاءِ نقصانڪار. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ بهترين رستو اهو آهي ته دشمن جي قوتن کي ناس ڪرڻ لاءِ خود مختياري ڪئجي ۽ ٻئي طرف خود مختياري ڪرڻ لاءِ دشمن جي فوجن کي ناس ڪجي.

عوام ۽ سندن اڏ فوجي قوتن لاءِ خود مختياري ڪرڻ جي معنيٰ اها آهي ته آمريڪين ۽ سندن چاڙتن جي راڄ جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ پختو پهه ڪري اٿي کڙو ٿجي ۽ دشمن سان پنهنجي ٻنين، باغن، ڳوٺن، واهڻن، ٻيلن ۽ گهٽين ۾ هر هنڌ ۽ هر جڳهه لڙجي، ان جي معنيٰ آهي ته پنهنجي ڌرتيءَ کي ڇهڻي ۽ چنبڙي پئجي، ان جــو سالڪ ٿي رهجي. جيتري قدر ٿي سگهي سرڪاري انتظام پنهنجي هٿ ڪرڻو آهي، حالتن تي قبضو ڪرڻو آهي. هر ڳوٺ ۽ هر واهڻ کي قيرائي فوجي قلعو بنائڻو آهي، هر ماڻهو کي سپاهي ٿيڻو آهي، اهڙو سپاهي ٿيڻو آهي جيڪو سدائين انهيءَ

ڳولا ۾ هجي ته دشمن سان ڪهڙي طريقي سان وڙهان، جيڪو لڙائي جا ڪئين گس گهيڙ، رستا ۽ واٽون ڳولي ڪڍي، جيڪو فوجي ۽ سياسي ڪارروايون ڪري ۽ دشمن جي فوجن ۾ سياسي ڪم ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هجي، جيڪو سڀ هٿيار ۽ سڀ وسيلا استعمال ڪرڻ لاءِ تيار هجي ۽ ڪري چڪي.

انقلابي عوام جي واسطي خود مختياري جيتڻ جي معنيٰ آهي ته ٽنهي قسمن جي عوامي فوجن کي ٽنهي بنيادي قسمن جي علائقن معنيٰ جابلو، ٻيلائي علائقن ۽ ميداني علائقن ۽ شهري علائقن اندر هر ڪنهن مکيه هنڌ تي سمجهڻ ۽ سياڻپ سان تربيت ڏيڻي پيهاري چڏجي. اهي مکيه هنڌ هي آهن: هڪڙا اهـــي علائقا جيڪي دشمن کان آزاد ڪرايا ويا آهن، ٻيا اهي علائقا جتي دشمن سدائين حملا پيو ڪندو آهي ۽ ماڻهن کي ڌڌو ڪرڻ جون ڪارروايون پيو ڪندو آهي ۽ ٽيان دشمن جي اڏن جي ٻنهه پسگردائيءَ وارا علائقا، انهن ٽنهي مکيه علائقن ۾ هر هنڌ پنهنجون ٽنهي قسمن جون فوجون مورچن ۾ تيار ڪري رکڻ گهرجن. خود مختياري جيتڻ جي معنيٰ اها آهي ته عوام جيڪا خود مختياري حاصل ڪري، تنهن جي مدد سان ۽ عوام جون سياسي قوتون جيڪي لڳاتار واڌارا ڪن تن جي مدد سان، ڏکڻ ويٽنام کي ڦيرائي هڪڙو اڳ ۾ ئي رٿيل ۽ سٽيل لڙائيءَ جو ميدان بنائي ڇڏجي، ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادي ۽ چڙتڪاري واسطي مقابلو ڏهين سال تي اچي پهتو آهي. سال ١٩٦٨ع جي بهار واري موسم کان پوءِ اهو مقابلو هڪڙي نئين منزل تي پهتو آهي، جتي شاندار جدوجهد ٿي رهي آهي، زبردست ڪاميابيون ملي رهيون آهن ۽ مڪمل فتح و يجهي اچي رهي آهي.

آمريڪي سامراجين کي اسان جي سموري ملڪ ۾ ڳري شڪست ملي آهي ۽ خود آمريڪا ۽ ٻين ملڪن ۾ هنن لاءِ ڪئين رنڊڪون پيدا ٿي ويون آهن، پر پنهن جي هٺيلي ۽ عوام دشمن قوت سبب هو اڃا پنهن جي اڳرائيءَ واري جنگ جاري رکيو ويٺا آهن.

صدر هوچي منهه اسان کي چيو هو ”آمريڪي اڳرائيءَ خلاف مقابلي جي جنگ ممڪن آهي ته هلندي هلي ۽ اسان جي ماڻهن کي ملڪيت ۽ زندگي جون اڃا به نيون نيون قربانيون ڏيڻيون پون. چا به ٿي پوي، اسان آخري سوپ تائين آمريڪي اڳرائي ڪندڙن سان لڙڻ جو جيڪو پختو پهه ڪيو آهي، اسان ڪي ان تي قائم رهڻ کپي.“

اسين انهيءَ وصيت تي عمل ڪري رهيا آهيون. اسان پختو پهه ڪيو آهي ته اسين هڪڙي ڏکي ۽ اينگهايل جنگ لڙنداسين ۽ دشمن کي مجبور ڪنداسين ته هو پنهن جون اڳرائيءَ جون سازشون ترڪ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سهڻي ۾ سهڻي باب جو واڌارو ڪيو آهي."

دنيا جي غلام ۽ مظلوم ملڪن جون قومون جيڪي پراڻي توڙي نئين سامراجي نظامن خلاف لڙي رهيون آهن، تن جي انقلابي تقدير جي واڌاري ۾ اسان جي قوم جي قرسي جمهوري انقلاب جي تجربي جو وڏو حصو آهي.

ويٽنامي انقلاب جيڪي اسان کي قيمتي سبق ڏنا آهن، تن کان روشنائي حاصل ڪري اسان جا ماڻهو ۽ عوام نت نوان مضبوط قدم کڻي اڳتي وڌندا، آمريڪي اڳرائي ۽ خلاف قومي ڇوٽڪاري واسطي هلندڙ جنگ کي مڪمل سوڀ تي پهچائيندا. سموري ملڪ ۾ عوامي قومي جمهوري انقلاب کي مڪمل ڪندا. اهڙي ريت هو روء زمين تي امن، قومي خود مختياري، جمهوريت ۽ سوشلزم واسطي جيڪا گڏيل جدوجهد هلي پيئي، تنهن ۾ قيمتي واڌارو آڻيندا.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- اڄ ويٽنام مظلوم قومن ۽ سمورين پورهيت عوام جي طاقت جو عظيم مظهر آهي.
- اڄ ويٽنام، سامراجين جي دلين ۾ ڏڪڻي وجهي ڇڏي آهي.
- اڄ ويٽنام قومن جي آزاديءَ جو شاندار ۽ لازوال داستان آهي.
- اڄ دنيا جون سڀ مظلوم قومون ويٽنام جي ساراهه جا گيت ڳائي رهيون آهن.
- اڄ ويٽنامي ٻچو ٻچو سورهيه، سورمو ۽ جوڌو آهي.
- اڄ ويٽنام دنيا جي سمورن وڏيرن، سيٺين، سردارن، خانن، چوڌرين، سرمائيدارن، بادشاهن ۽ سامراجين جي صفن ۾ ٿاڪوڙو وجهي ڇڏيو آهي.
- اڄ ويٽنام جي جدوجهد مزور انقلاب جي نظريي کي نوان ۽ روشن باب ڏنا آهن.
- اڄ ويٽنام جي جدوجهد دنيا جي وطن دوست، انقلابي عوام کي پنهنجي طاقت ۾ ايمان ۽ سوڀ ۾ يقين ڏنو آهي.

آخر ويٽنامي عوام ايڏيون زبردست ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڪاميابيون ڪيئن حاصل ڪيون آهن؟

جيڪڏهن اوهين اهو سمجهڻ گهرو ٿا، جيڪڏهن اوهين پنهنجي قوم، پنهنجي عوام جو ڇوٽڪارو چاهيو ٿا، سماجي مرضن، مصيبتن، اڻ برابري ۽ ڏاڍائيءَ جو انت آڻڻ چاهيو ٿا ۽ ان لاءِ صحيح سوچ، صحيح پروگرام ۽ صحيح واٽ لاءِ رهنمائي حاصل ڪرڻ گهرو ٿا،

ته پڙهو:

# ويٽنامي انقلاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ڀاڙي، ڪاڻُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڙ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ ڪي مون ڀاڪي ڀائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".

- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book